# هُـــڱـاءُ

*Hugao*

## سندري اُتمچنداڻي

*Sundri Uttamchandani*

www.sundriuttam.com

www.sindhisangat.com
Download free Sindhi movies from
www.sindhisangat.tv

# فهرست


مهاڳ
رچنا سنسار
ذات بٽي آ لات 1
ڪام ديو جا گل 2
مک ۾ مڏو مکي 3
اجڙو 4
تنهنجي چٽي 5
هارَ 6
ميت جي پريت 7
سرلهري 8
ومان ۾ 9
ڀور پريو وڻ 10
وندر 11
گهورجو پيئي وڃاڻ ۾ 12
پيڪن جي پريت 13
اَهنر نہ آيو 14
شهري 15
ٻال گوپال 16
هنجي هلئي وڃڻ 17
خالي ٿي پيو 18
رولاڪ من 19
من چا چا تو 20
اَمڙ تون ٿي وڃين تہ 21
هيڏو ويچاندڙ؟ 22
هنياري ٻہ نہ ورتئہ 23
ڪوري ڪنگر 24
دري ڪولِيم ئي چو... 25
تنهنجو رسڻ 26
مهٽو مرڪ نہ هوءِ 27
من شناس 28
پرون پئي پيا 29
ڪانوَ وٺاريل تلاءُ 30
تو تہ منا مونکي 31
بي رُخي 32
بهارون 33
مَن چوماسي جو 34
لِتوڙيَل درياءُ 35
وِڇ مهراڻ 36
من ويسلو 37
دک جو چاهو 38
موڊ 39
سيتا جي ويدنا 40
اَڪيلي پيئي وڌنديس 41
نجات 42
رهائي 43
گهڙيون پَلَ 44
نورجو عالم 45
سڪي جو ٻيو پاسو 46
سنڌي 47
پرس 48
منو متر 49
رمتو راهي 50
چاندوڪي 51
بين چو تو وڃائين؟ 52
ڙي گائڪ...! 53
دَرد 54
هيءُ ڪهڙو سازا! 55
ڪروڪيتر 56
مهاچار 57
سهہ ڏرم 58
ڪوجَ 59
انادي هَل هلان 60
جَلَ جون جوتيون 61
اجهامڻ ڪان اَڳ 62
گنگا غاليچو 63
سرت 64
گگن منڊل ۾ 65
موّت 66

67 تڏهن ته
68 ايڏي اون ڪا سونهين
69 سورداس نياڻي
70 پرهه جي باک
71 جيڪر گل هجن ها
72 آئينده جا سپنا
73 اتهاس جو هڪ ورق
74 ممي تون ته.....
75 جيتامڙي

# مهاڳ

مونکي خوشي ۽ فخر محسوس ٿي رهيو آهي جو اڄ سندريءَ جهڙي باشعور ۽ باڪمال ڪهاڻيڪار جي شخصيت ۽ سندس نئينءَ صنف ”ادب لطيف“ تي ڪجھ لکڻ جو موقعو مليو اٿم.
مان سندريءَ کي اٽڪل 40 سالن کان سڃاڻان. جڏهن ڪهاڻين لکڻ جي شروعات ڪئي هئائين، ان وقت مان دهليءَ ۾ نوڪري ڪندو هوس ۽ سالبسال بمبئي ۾ اچڻ ٿيندو هو. منهنجو دوست موتي پرڪاش هت آڪاشواڻيءَ ۾ سنڌي وڀاڳ سنڀاليندو هو. هو اڪثر پنهنجي گهر ۾ ساهتڪارن جي ننڍڙي ميٽنگ جو بندوبست رکندو هو جتي سندري، ڪلا پرڪاش ۽ ٻيا ساهتڪار گڏبا هئم. سندري اُتي پنهنجون ڪهاڻيون پڙهندي هئي جي مونکي وڻنديون هيون. ان دؤر کان پوءِ سندري تمام تکڙي ترقي ڪئي آهي.
سنڌي ڪهاڻين لکڻ ۾ سندريءَ جو خاص انوکو يوگدان آهي.اٽڪل 40 سالن کان لڳاتار ڪهاڻيون لکندي رهي آهي. هن اٽڪل ڏھ ڪتاب جن مان 2 ناول ”ڪرنديڙ ديوارون“ ۽ ”پريت پراڻي ريت نرالي“ ۽ اٺ ڪهاڻين جا ڪتاب جهڙوڪ: (1) ’تو جنين جي تات‘؛ (2) ’پوري‘، (3) ’ٻنڌن‘ (4) ’اچا وار ڳاڙها ڳل‘، (5) ’وڇوڙو‘، (6) ’يگانتر‘ ۽ ويجهڙائيءَ ۾ شايع ٿيل سندس نوان ڪتاب ”ڪيڙيل ڌرتي“ ۽ ”مرڪ تي منع“ پڻ اڳين ڪتابن جيان اوچي معيار جا ڇپايا آهن. سندريءَ جي هر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پنهنجي خاص خوبي آهي جا ڪهاڻيءَ کي دلچسپ بڻائي ٿي ۽ پاٺڪن کي ڇڪي ٿي. هنن ڪهاڻين ۾ ”پُوري“ بي مثال آهي... اهو منهنجو شخصي رايو آهي. سندريءَ کي ”وڇوڙو“ تي مرڪزي ساهت اڪيڊميءَ جو ايوارڊ بہ مليو آهي.
سندريءَ جا سڀ ڪتاب سنڌي ساهت ۾ هند توڙي سنڌ ۾ مقبول ٿي چڪا آهن. ڪيترين ڪهاڻيون سنڌ ۾ ور ور ڇپايون ويئون آهن ۽ ڪي ڪهاڻيون ٻين ٻولين ۾ ترجمو بہ ٿيون آهن. مقبوليت جو اهو ڪافي ثبوت آهي تہ عام کي سندس ڪهاڻيون پسند آهن. نہ صرف عام کي پر سڃاڻ ساهتڪارن بہ انهن جي ساراه ڪئي آهي. سندريءَ کي مان سنڌي ٻوليءَ جي چئن يا پنجن پڪن پختن چوند ۽ برک ڪهاڻيڪارن جي صف ۾ شمار ڪندو آهيان.
سندريءَ جون ڪهاڻيون زندگيءَ جي نوس حقيقتن تي ٻڌل آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار سندس آس پاس واري ماحول ۾ رهندڙ گهندڙ ڦرندڙ جيئرا جاڳندا انسان آهن. هن عاليٰ فنڪارا جو هر ڪردار رت پونءِ مان ٺهيل آهي.
انساني دلين کي پرکڻ جي سندريءَ کي خاص ذات مليل آهي. سندس هر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ انسان جي سچن احساسن جي، فنائتي ڍنگ سان، عڪاسي نظر اچي ٿي. هڪ ڳالهہ جا سندس سيني ڪهاڻين ۾ پسبي آهي سا آهي، سنڌ لاءِ هڪ ۽ سنڌين جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، اُٿي ويهڻي ۽ تهذيب جي تصوير ڪشي. سندس دل ۾ جي وطن جي وڇوڙي جا ودِ پوندا آهن تن کي شاعراڻي ۽ ڪلاتمڪ انداز سان اظهاريندي آهي.
سندريءَ جي ڪهاڻين جسي چڪني چادر کي جا جرڪندڙ جهالر لڳل اهي ان ۾ گهرو جيون جي روز مرھ واري ڳالهائيندڙ اِصطلاحي محاوريدار ٻوليءَ جا موتي مڙهيل آهن جن جي بدولت سندس ڪهاڻين ۾ خاص خوبصورتي نکري ٿي بيهي.

سندري هڪ سني ڪهاڻيڪار جي باوجود هڪ سني شاعرا بہ آهي. جنهن جي جاڻ ڪن ٿورن کي هوندي. سسندس شاعراڻيون رچنائون وقت بوقت اخبارن مخزنن ۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن ۽ بمبئي ڪوي سميلن جي رنگ منچ تي هوءَ پڙهندي آهي. جن کي ٻڌڻ جو اسانکي شرف مليو آهي.

مون سندس ڪيترائي اَڻڇپيل شعر ۽ قلمي نسخا نظر مان ڪديا آهن جن کان ڪافي متاثر ٿيو آهيان. هر دفعي جڏهن ساڻس گڏيو آهيان تہ کيس آمداهہ ڪندو آهيان تہ هوءَ پنهنجن پراڻين ۽ نين ڪوتائن ۽ ادب لطيفن تي هڪ دفعو نظرثاني ڪري کين ٿورو سوڌي سنواري ڇپائي سنڌي جاتيءَ اڳيان پيش ڪري. سندس شاعراڻين رچنائن تي سرسري نظر ڪرڻ کان پوءِ مون مهسوس ڪيو تہ منجهن ڪيترا سندر معياري ويچار سمايل آهن ۽ ترنم سان ڀرپور آهن جي عام اڳيان اچڻ کپن. مونکي پڪ آهي تہ عام، انهن جو دل کولي سواگت ڪندو. آخر منهناج لايا سجايا ٿيا ۽ اج سندري شاعرا جي روپ ۾ شهبازجيان ظاهر ٿي رهي آهي.

هي ڪتاب "هڳاءُ" سندريءَ جي نثراڻي نظم جو مجموعو آهي. هنن رچنائن کي ادب لطيف بہ چئبو آهي. اَصلي هيءَ صنف رويندرنات ٺاڪر "Gardener" ڇپرائي، نہ صرف ڀارت ۾ پر ولائت ۾ بہ مشهور ڪئي. ٽئگور جي طرز تي سنڌ ۾ بہ ڪيترن ادب لطيف لکڻ شروع ڪيا جن مان خاص مشهورو آهي سدا حيات لعلچند امرڏنو مل جڳتياڻي ۽ پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻي اهڙيءَ طرح اِبتدائي دؤر ۾ مون ۽ ٻين ڪيترن سنڌي شاعرن لکڻ شروع ڪيو. سچ تہ جڏهن مون سندريءَ جون هي ادب لطيف جون رچنائون پڙهيون تہ لعلچند امرڏني مل ۽ ملڪاڻي صاحب جون سڪون ٿي لٿيون. خبر نہ آهي تہ سندري ههڙي معيار واريون رچنائون ايڏو سارو عرصو ڇو لڪائي رکيون هيون.

هن ڪتاب "هڳاءُ" جي مطالع کان پوءِ ائين ٿو لڳي تہ سندس هڪ هڪ نظم ٻئي کان بهتر آهي. هر هڪ نظم نازڪ ۽ نفيس اُمنگن سان اوت پروت آهي. هنن ۾ نوان خيال نيون تشبيهون اسان کي پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون. سندريءَ جي حساس دل جون ڇڇڪو ڏيندڙ ڇوليون هر نظم ۾ مؤجون ماري رهيون آهن.

هونءَ تہ نئين ڪوتا يا ادب لطيف ۾ ترنم عدم پيدا هوندو آهي. پر سندريءَ جي ادب لطيفن ۾ گيتن جي مڌرتا آهي. "ڏات ٻٽي آ لات" سندس پهرين نظم پڙهڻ سان ئي مونکي سنگيت جون لهرون اُٿنديون نظر آيون. ڏسون: جهڪو جهڪو ڪجهہ (فعلن فعلن) تکو تکو ڪجهہ (فعلن فعلن) اُجهاڻو (فعلن فعلن) رات ڀريو. (فعلن فعلن) ڪيڏو ترنم سمايل آهي انهن ۾ ۽ ڪيڏا نہ نفيس احساس ڀريل آهن. ڏسو سندري ڇا ٿي لکي هن پهرين نظم ۾:

ڏات مني
ڪيئن آئين مون وٽ
مون وٽ سڌ نڪي سؤداءُ
هڪ پل سُور سنمر بس سک جو
دک سان عمر رهيو پرڇاءُ

هن نظم ۾ وزن بہ آهي تہ ڪافيو (جهڙوڪ سؤداءُ ۽ پرڇاءُ) بہ برقرار رکيو اٿائين. پڙهندي ئي من جهولڻ لڳو ۽ منهن مان ازخود واهہ واهہ نڪري ويئي.

جهڙيءَ طرح هن نظم ۾ تهڙيءَ طرح سندس ٻئي نظم "نور جو عالم" ۾ بہ ڀرپور سنگيت سمايل آهي. وزن رکيو

اٿائين (مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن) سندري خود ان ڪان اڻڄاڻ آهي پر سندس دل ۾ جو سنگيت سمايل آهي سو جهرڻي وانگر ڦٽي ٻاهر ٿو نڪري:

اسان عالم انهيءَ ۾ آ هئين ٽِپڪي

جتي مشڪل ڪو پهتو آ

ٻئي ٻانهون جي ڦهلائي پڪاريو ها

ته هن عالم اندر ڪوئي پرندو

سهڪندو چوندو وڃي ها

سڏيئي ٿو هو سڏيئي ٿو هو سڏيئي ٿو...

...... ...... .........

”وڃن سرڪي ها اوندهه جا سپ ئي پردا

اِهو ئي نور جا عالم – نهايو جنهن ۾ مون ويني

نهائين تنهن ۾ تون پڻ ها – نهائين تنهن ۾ تون پڻ ها.“

اَهڙا سنگيتمئہ ۽ نفيس جذبا سندريءَ جي ڪيترن ئي نظم ۾ پريل آهن. مثال ڪيترا ڏيتي ڪيترا ڏجن نموني طور ڪي مثال ٻيا بہ ڏيڻ بيجاءِ نہ ٿيندو:

تيون نظم ”ڪام ديوَ جا گل“

گل اهڙا هئا

جو سڳند سان

سڄو وايو منڊل ئي واسجي ويو!

سهاڳڻ سڳند وارو ساهه اندر کنيو

تہ بهار بهار ٿي ويئي

تڏهن اچيون سڳنڌي مکڙيون

تارن وانگر ٽڙيل گل

جهول ۾ ڪٽي

اچي سڄڻ اڳيان رکيائين

سڄڻ گلن کي سنگهي چيو

”نالو ڇا آهي هنن گلن جو؟“

”شآيد ڪام ديو جا گل چوندا آهن هننکي.“

سهاڳڻ جي اکين ۾ هئي شرارت.....

”ڪام ديو جا گل تہ هي آهن....“ سڄڻ مچلجي چيو

”هي“؟... (سڄڻ جو اشارو شايد هنجي سيني جي سروور ۾ ٽڙندڙ ڪملن ڏانهن هو)

تڏهن پنهنجن هٿن جون آڱريون
سجن کان ڇڏائي
هرڻيءَ جي چال سان
اُٿي ڀڄي لال ڪنوار
ڪيڏو نه سينگار رس آهي هن نظم ۾ پريل! جيڪو سندريءَ پاري شاعرائي پرگهٽ ڪري سگهي ٿي.
چوٿون نظم: ”تنهنجي چٽي“ بيحد سندر سينگار رس جو مثال آهي. هڪ هنڌ لکيل آهي. چوي پئي: لکٽي ڪا آهي
تنهنجي سجڻ جي!
جهڙي موئن جي دڙي مان نڪتل ناچڻي!
ماٺ مڪ سان
ٻول ڪي ٻولي ٿي
جهڙا رات جي وقت ڪڙڪيٽڙا ڪيتن ۾
وري ٻئي هنڌ ٿي لکي:
”ٻانهن ۾ نگاهن جي هير ڦير سان
جو هوائن جي وٽن ڪي وٽ ٿي ڏئي
ته گل چٽيو پون
هر تاريءَ مان!
پير به اٿس پدمڙا.
مرن کان مٿي،
سؤسيءَ جي سٽڻ اَٿس ڪشيل.
جيڪا پنين تان گذرندي سٽرون پار ڪري،
چيلهه ڪي جهليو ويني آهي سوگهو.
ڪشيل ڪمند جهڙي نار آهي تنهنجي سجن جي لکٽي!
پلاهن کان وڌيڪ شاعري ٻي کهڙ: ٿيندي آهي. ڪيڏيون نه بينظير تشبيهون آهن.
هن نظم ۾:
پنجون نظم : ”هار“ لکي ٿ:
هن رنگ جا موتي ڪين هئا اُهي،
جيڪي سجڻ ڪي وٽيا هئا
جڏهن هار پائي تو وٽ آيس
ته هار سوُڏا هٿ ڪٽي سنگهڻ وينين. تڏهن ڪلي چيم
”گلن جو ناهي، موتين جو آهي هي هار.“

چهون نظم: ”ٻور پريو وڻ“
ناريءَ جي اندر هڪ مورت جي سرجنا
جيئن ڦل اندر ٻج
سڪيار ٿو پيو لڳي جيئڻ
پرڪرتيءَ جي سندرتا
نون روپن ۾ نکري پيئي آهي...
ائين پيو لڳي چوڌاري چنبيلي ۽ موگرن جي سڳنڌ ڦهلي پيئي آهي،
چو ته مان ٿي پيئي آهيان ٻور جهليل وڻ

هي آهن سندريءَ جي من ۾ چلنڌڙ ممتا جون لهرون. اهڙا حسين جذبا ڪيترن ئي سندريءَ جي نظم ۾ پريا پيا آهن جن کي پڙهي مون وانگر ٻيا پاڻ کي به حص حاصل ڪندا.

سندريءَ جون عڪس بتيءَ وانگر اکيون، هڪ ئي پلڪ ۾ جهٽي ٿيون چڏيون آس پاس جا نقش و نگار سندريءَ ۾ جو استريءَ وارو ڇهون حواس آهي سو ڪيس ٻين استرين جي دلين جا مخفي احساس به محسوس ٿو ڪرائي. جهڙيءَ طرح هن نظم ”مهڻو مرڪ نه هوءِ“ ۾ ڏسو سندري پنهنجي استري جاتيءَ پاران مغرور مڙسن کي ڪيئن ٿي منڙي نوع ۾ ڏکيو ڏوراپو ڏئي:

کٽي ٿو ڪارائينمر – برابر
پر مهڻو مرڪ نه هوءِ
گهر کٽي فوٽن سان پريئه
منهنجا ريا، ڊيربون اُچلائي ڇڏيئه
منهن سسايمر، ”درزين کي ٻڪ ڏيڻا پوندا.“
چيئه ”چا ٿي پيو،
بک ڪونه ٿو ماريانءِ.“
ٻار تنهنجا توسان انگل نه ڪن،
اکيون ڪنيو پيا توڏي نهارين،
چوان ”ٻارن تي ايڏي دهشت!“
چيئه ”چا ٿي پيو،
کٽي ٿو ڪاريان.“

هن نظم ۾ مٺي هلڪي طنز ڪهڙي نه ڦربائتي نموني مڙسن تي (جي هنيلا، اهمر سان ٺمٺار ۽ پنهنجي مصروفين ۾ رڌل تا رهن) ٿيل آهي.

هڪ ٻي خاص خوبي جا هنن نظم ۾ ڏٺي آهي سا آهي، سنڌي ٻوليءَ جا ٺيٺ لفظ، جي ويسرجي اونداهين ۾ گم ٿي ويل آهن، سندريءَ اونهن کي ٻاهر ڪڍي اجاگر ڪيو آهي. جهڙوڪ: ڦنڪارڻ، اوڳائي، ورڪي، ياڏائيئي، اُجهرڪيون،

اُساڪڙي، ڏجهڪڻ، وغيره، انهن لفظن کي پنهنجو هڪ هڱاءُ آهي.

مونکي نہ صرف اميد پر يقين آهي تہ سندريءَ جي هن ادب لطيفن جي ڪتاب، هڱاءُ (جو نئين ڪوتا ڪان صدبار سهڻو آهي) جو هند، توڙ: سنڌ ۾ قدر ٿيندو. هڱاءُ چوطرف پنهنجو هڱاءُ ڦهلائيندو.

پڇاڙيءَ ۾ ائين چوندس تہ سنڌي جاتيءَ ۾ شاعرائون ٻيون بہ آهن، سٺيون ۽ بلند پائي جون، پر سندري سندري آهي.

## پريُو وَفا

# رچنا سنسار

”بڙي ميان تو بڙي ميان، ڇوٽي ميان صبحان الله.“ اُتم تہ اُتم پر سندس ڌيءُ بہ حد آهي. لڳي بيٺي ”ممي! هن سال بہ ٻہ ڪتاب ڪڍائڻا آهن تنهنجا. ڏس ڪلا پرڪاش بہ لکيو اٿيئي، ديوي ۽ گوپي بہ پيئون چونئي. بس ادب لطيف اچي وڃن تڏهن نئين ڪتاب ۾. سڀ ڪجهہ تہ رکيو اٿيئي رڳو سهيڙي وٺ.“

مان هجان نت ڪٽ ٻار. چوان ”پڇي ڪٽي ٿو..“ پر جنهن اُگهائيءَ جي دلدل مان ڪڍڻ لاءِ، آشا ٻڌجي پيئي منهنجي ننڍڙي اَمڙ. سا دلدل بنهہ سڪي وڃڻ جي تہ آهي ئي ڪين ۽ عمر جو اونداهو پکيہ بہ شروع ٿي چڪو آهي...! مٿان بلبل جي پشمي ڇاتيءَ اندر جو پيئي آهي ڏاڍي جي دبلي... تہ آسمان جا آسرا تہ آهن ئي ڪين ان لاءِ! تڏهن هيل تائين ميڙيل سڪن مان پيش آهن ڪي سڪا. اُهي ڪنا ڪيل سڪا، آشا، ديوي، گوپي، چندرا ۽ آنند ڪي پڙهي ٻڌايم. گهڻو همٿايائون. پرپُوفا تہ چانور سوئي صاف ڪيا. تڏهن چوان پئي پلاهہ ضرور سوادي ٿيو هوندو....

ننڍي هوندي ڪان پئي پڙهيا اَتم روبيندر ناٿ ٽئگور جا نظماڻا نثر، قلن مٽ، ٻال چندرما ۽ گيتانجلي. سندس لکٽيءَ جون ڪلاتمڪ تصويرون ڏسي، اکين ۾ نهي پيئي سونهن جي سڙڪ... ڪويءَ جي ذات پري لکٽيءَ، پلٽي وڌو قدرت جو پريم ساگر... تڏهن من ڪيس روشن منار مڃي، سڌو ساموندي ڇولين ۾ لاهي وڌو پنهنجو ٻيڙو...

کهڙيءَ ويل، اُن ٻيڙي ۾ ٽپي پيئي فنڪار رقاصا!... بي قابو قدمن سان.... ٽنڪ ٽنڪ، ٿئي ٿئي ڪندي، اُتندڙ وير تي ڪٽي ويئي منهنجو ٻيڙو... اڳاڏ ۽ اُپي بيٺل سونهن جي سڙڪ ڪي اجو ڏنائين تہ ٽپ ڏيئي لهي پيئي مٿس. تارا، ستارا ڪن لاءِ سندس نرتيہ ۾ اچي شامل ٿيا. تڏهن رقاصا ڏنو سندس پيرن جي ٽنڪ ٽنڪ سان اُپي سڙڪ سنهن جي ليٽ پيئي ڪائي!... جان ڪٽي نظر ڪيائين تہ مار! هيٺ بيٺي پاتاري پري.... هيرن موتين جا ٿال ڪنيو ڪيس اِشارن سان پيئي سڏي!

جهل مل ڪنديون، ڪل ڪل ڪنديون، ساگر جون لهرون روشن منار جي ڇوڏاري، وراڪا ڪائڻ لڳيون. اهو ڏسڻ لاءِ تہ ڪيڏي مهل ٿي رقص ۾ آيل نرتيا نگنا هيٺ اچي پاتاري پريءَ سان ملي...!

ائين تہ تصور جا پنک پکيڙو ڪيڏو بہ پيا آسمان تي سير ڪن، تہ بہ ڇوڳو ڪين پرٿويءَ تي ئي اَچي ڇڳڻو آهي! سندن پنکن ۾ اُڏڻ جي شڪتي پرٿويءَ تان ئي حاصل ٿيڻي آهي.

تڏهن ڪل ڪل ڪندڙ ڪندڙ جهل مل ڪندڙ ساگر جي لهرن ڏنو... نرتڪي سونهن جي اُپي سڙڪ تان ٻيڙو هيٺ لاهي آئي.....
هيرن موتين جا ٿال انگيڪار ڪري پاتاري پريءَ سان دوستيءَ جي مضبوط ڳنڍ ڪٽي ٻڌي اٿائين....

**سندري اُتمچنداڻي**

# ڏات ٻٽِي آ لات

ڏات اَسانجي ڏيل اَندر،
جئن منبرَ ۾ ڏيئَوِ
جَهڪو جَهڪو ڪجهہ،
تکو تکو ڪُجهہ،
پَرهَ اُجَهٽو،
رَات ٻَريو
جڏهن بہ ڪوئي واٽَ وساري،
هِن منبرَ وَٽ آيو آهہ،
مُنهنجي جَلَندي جيءَ،
تڏهن ڪو دکُ
اُنَ کي پُرجهايو آهہ
ڏات مني!
ڪيئَنَ آئينِءَ مون وٽ؟
مون وَٽ سَڌُ نَڪي سؤداءُ،
هڪُ پَلُ سور سَنُمر بَس سُک جو،
دُک سان عُمر رهيو پرچاءُ
تون آئينءَ نَچ آئينءَ منڙي،
روشن روپ اَنيک ٿيا
لوڏ وٺن جي چَنَنَ پَنَن جي،
مون گُونگن جا گيتَ ٻُڌا،
ڊَنلپ جي گاديلَن تي،
مَون اوجاڳيل ڪَي ميت ڏِنا
ڏانءُ ڏِنئُہ يا ڏانُ ڏِنئُہ،
ڪا ٻُوجَهہ ڏِنئُہ، ڪَا سوُجَهہ ڏِنئُہ
موڙهيل من ۾ جهوريل جيءَ پڙُ،
ڪِلندي ڪِلندي سورَ سنا.
ڪا خوشبوُ هِنَ ساهہ سَمائي،
ڪپڙن تنهنجَن جي چُڙِ چُڙِ مان
تون آئينءَ نَچ آئينءَ نيور،
سپنا پيئي مون سال لڌا.
جرڪينءَ منهنجي جيءَ ۾ آئين،
جئين چات ڪَتينُ جي جَرڪي آ.
ڦَرڪينءَ ٻٽجي لات اُها،

جا طوفانن ۾ پڙڪي آ!

## ڪامريڊن جا گُلَ

گُل اهڙا هُئا،
جو سُڳنڌ سان،
سَجو وايومنڊل ئي واسجي ويو.
سُهاڳڻ سُڳنڌ وارو ساهُه انر ڪنيو
تہ بَهار بهار تي ويئي
تڏهن اَچيون سڳنڌي مُڪڙيون،
تارن وانگر تِرِڙيل گُل،
جهول ۾ ڪٽي،
اَچي سَجَڻُ اَڳيان رَکيائين.
سجڻ گُلن کي سنگهي چيو،
”نالو ڇا آهي
هنَن گُلن جو؟“
”شايد ڪامريڊن جا گُل چوندا اهن هننکي...“
سُهاڳڻ جي اکين ۾ هُئي شَرارَت...
”ڪامريڊن جا گُل تہ هي آهن...“ سَجَڻ مَچلي چيو.
”هي؟.....“
تڏهن پَنجهنجَن هَٿَن جون آڱريون،
سجڻ ڪان ڇڏائيَ،
هرٽيءَ جي چال سان اُٿي پڳي لال ڪنوار.

## مک ۽ مڏومکي

گُلَ جو جوبَن ڏِسي،
مَک چيوَ ”اَهنڪار تہ ڏسو هن گل جو!
ڪَنڊَن وچ ۾ وينو آهي،
پوءِ بہ پنکڙين ۾ ايڏو نازا!“
ماکيءَ لاءِ ماندي مَڏومکي،
ڪنان جو اُڏندي آئي؛
سِڏو وجي گُلَ جي سيني تي سهڙي

پَرجي تُرجي موتي
تہ مَک پُڇيس "ڇا ڙي مليئہ. اِنهيءَ اَهنڪاريءَ وٽان؟
ماکيءَ جو ڦُڙو مُکَ ۾ جَهَلي،
مَدُو مکيءَ چيو، "هي مليمُ،
سَندس سيني ۾ لِڪَل سَچُ!"

## هڪ سچائي

پيار سان سرشار اَکڙيون
روح ۾ جهاتيون وجهن
هڪ سچائي آهہ اهڙي
سڀ مُهاندا ٻيا سَگهن

## جادوُ

آهي نَہ ڪو جادو تو وٽ منا!
نهتہ رُسين تون
۽ دل منهنجي هجي پوي؟
دنيا جا ڪم ڪَاريون، ڇا گهٽ آهن مون وٽ..
پوءِ بہ روسامي ڪي پلئہ ۾ ٻڌي ويتي هجان؟
ڪڏهن سمجهان،
تنهنجي جادوءَ جي پنجوُر ۾
ڦاسي پيو آهي مون شيرنيءَ جو من!
جئن وڌيڪ ڦتڪان،
تئن وڌيڪ ٻڌجان.
ڪڏهن سمجهان،
ڪُنڊيءَ ۾ ڦاتل مڇلي آهيان
جئن اُڇلجان،
تئن وڌيڪ ڇڪجان.
هيءُ منهنجو من آهي نہ
سچوئي وَڪوڙيو پيو آهي
وڇوڙي جي درد سان
ڪائي واهہ ڪَانهي ڇُٽڻَ جي
ڪائي راهہ ڪانہ پَچڻ جي

بنا پيري جو ڦاٽو آهي هي من
تہ ڪيئن نہ وسهان
تہ ڪو جادو آهي تو وٽ منا!

## تنهنجي چنري

سَڄڻ! تنهنجي چنري ڏِسيو، چوان پيئي
ڪٿي شيشي جون ڪنگڻيون پَچي
دوربين تہ ڪين ويهي ٺاهي اٿيئي؟
ست ست کي رنگين خواب جو ويس ڪٺي پارايو اٿيئي.
هر ست ۾ چترئي ٻيا. مناس ايڏو،
چڻ اگر ديس کان آيل، پَکيئڙا پيا ٻولين
ڪَهڙا آهن سندن رنگ!
ڪهڙي آهي سندن هُونگارا!
پيا هڪب؟ي سان وِچڙن.
ڏسيو
من پيو اُٿلون کائي، انهن کي پيار ڪرڻ لاءِ
پر ڪنول ڪونئرا سندن پنک
هلڪي هوا جي جهوُٽي تي بہ
پيا ڦڙ ڦڙ ڪن.
تن کي چمڻ تہ پري رهيو
هَٿَ لائيندي پيئي هچڪان
ستَ ستَ ۾ آهي ڪو ساهہ پربل،
ڪپهَ جي اُڏامندڙ ريشي کان بہ
نرم آهي جنهنجو احساس!
چنيءَ جو مناس هو ماڻڻ جهڙو
پر الائي ڪتان اچلي پرگهٽ تي
سکيِ
چني ڦري جو پڙهيائين
تہ اکيون ڦاٽي ويس
چوي پيئي لڪٽي ڪا آهي تنهنجي سڄڻ جي،
جهڙي موهن جي دڙي مان نڪتل ناچڻي!
ماٺ م سان
ٻول کي ٻولي تي

جهڙا رات جي وقت
ڪڙڪڻيترا ڪيتن ۾
ٻانهن ۽ نگاهن جي هيرڦير سان
جو هوائن جي وٽن ڪي وَٽ تي ڏئي
تہ گُل ڇڻيو پون،
هر تاريءَ مان.
ٻِير بہ اٿس ٻَدَمڙا،
مڙن ڪان مَتي،
سوسيءَ جي سٽڻ، اَٿس ڪَشيل
جيڪا ٻنين تان گذرندي،
سَترون پار ڪري
چيلهہ ڪيَ جهليو ويٺي آهي سوگهو
ڪشيل ڪمند جهڙي نار
آهي تنهنجي لڪٽي.....

## موتي

موتي تہ گهڻيئي پڪڙيا پيا آهن
پر ڪهڙن موتين جو هار
توکي وٽيو هو:
ياد ئي نٿو اچيم
جنهن جنهن رنگ جا موتي ڪنيون
لڙهہ ناهيان
تنهن تنهن رنگ لاءِ
من چوي،
”هن رنگ جا موتي ڪين هئا اُهي
جيڪي سڄڻ ڪي وٽيا هئا.“
جڏهن هارُ پائي تو وٽ آيس
تہ هار سوڌا هٿ ڪٽي
سنگهڻ ويٺين.
تڏهن ڪلي چيم،
”گلن جو ناهي
موتين جو آهي
هيءُ هارا!“

اکين ۾ ڏسي تو چويم
”هٿ ته گلاب جا آهن!“
منهجين اکين جا ڇپڙ
ڪٽي مٿين سان بند ڪي.
اهو ته ڏٺم ئي ڪين
ته هار ۾
کهڙا رنگ جا موتي پوتَل هئا.
بس تو چيو،
”هار ته ڪيڏو تو پاڏائيئي!“
۽ آءُ مٿي تان سرڪيل پوتيءَ جو
پلئه سنيالي،
ڊِڪندي،
اچي گهر پيري ٿيس.
پر هار چوي هٿ نه لاءِ!
ڪٽي ڪيرايم
مان چا چاٽان.
تڏهن سڏڪا
جهلِ ئي نه ڏين.
دل پرِيايم،
”جنهن هار ۾
سچن ڪي وٽي هئينءَ
اهڙو وري ڪٽي پوئي وٺ،
پر کهڙا رنگ وارن
موتين جو هار توکي وٽيو هو
سو ته ياد ئي نٿو اچيم.....

## ميتَ جي پريت

جَڏهن رات جا ڪي پهَر
اوندهہ ڪانَ پنهنجا پلو آجا ڪري؛
وجي پرهہَ جي گلابي روشنيءَ ۾
ليٽي پَيا؛
تڏهن
مومل ويني هار جيت جو حساب لڳائڻ.
پهَرَحن جي پلو ۾
پَڌَلَ هيون اونداهيون.

سي هئا سَپنَنِ سان روشن
۽ پوءِ
جيڪي پرههَ جي گُلابي روشنيءَ ۾
ليٽي پيٽيَ آيا؛
سي تہ آهن
اَڪيلا،
اُداس،
۽ اَپالا
انهن ۾ تہ ميت جي،
سپنن واري،
پريت بہ ناهي!

## سُرَ لَهري......

هيڏو اونچو پَهاڙُ!
ڪنهن ڏَڪيو آهي سندس اُگهاڙپَ کي
وڻن جي ويس سان؟
۽ چو، ڪارن بادلَن،
ڄَتي ڪٽي ناهي آهي پهاڙ مٿان؟
شايد انڪري...
جو... پهاڙيءَ...
توکي ۽ مونکي گود ۾ ڪٽي وهاريو آهي.
۽ گيت آهي...
جو گونجن پيا ڪنهن سَدا بَهار ڪَنول ڪَنِ منجهان...
پڙاڏو آهي ڏِسائُن ۾...
سُرن جو بہ ڪو پَنَدار آهي!
سُرَجي تيَ پيا آهن چانديءَ رنگ پارو.
لڳي ٿو ان چمڪندڙ پاري جو
ڪوئي پرپور جهرڻو پيو وهي
۽ من ڪيئُن پيو،
چپ چاپ اُن وهڪ سان وهندو وڃي.
هيٺ وادين ۾ ٽڙڪدڙ پاري جو
سروور ٿهي پيو آهي...
سارا ئي تل ترايون، پرجي پيا اهن سر لهري سان.

## وماں ۾ .......

وماڻ منهنجو ٻڪيءَ جيان وني اُڏاڻو آهي...
اَوهہ! هاڻ تہ وني پاڻ کي،
لغڙ واري ڍِرَ ڏني اٿس...
اِجهو..... هي تہ!......
ڪُجهہ جهڙن ڪڪرن جي
گهير ۾ گهِڙي پيو آهي!
ڪڪرن جي غبار جا
آهن اوُچا پهاڙ....
سمجهان پيئي،
پينگهہ ۾ آهيان:
جا چُڙهي پيئي
غُباريل پهاڙن ڪان متي....
هاڻ تہ مَٿي مَٿي،
هيءُ آڪاسُ،
آهي جهڙو،
نيرو سمندڊ!
ڪَڪَرن جون
بَرفاني پهاڙيون
آسماني ساگر ۾
پيئون ترڳن
هيٺ متي
هيٺ متي
پيئون ٿين.
راند لڳي ويئي آهي لڪ چپ واري
وري ڪڪرن جي
ڪجُهہ جهڙين پهاڙين کي
جو ڏَتُ لڳي
تہ نڪريو اچن
نيريءَ ٻوڙ ٻوڙان ڪان متي.
تڏهن لڳو
چيڙائين پيئون
نيري آڪاسي ساگر کي
”ڏس پائي!

هاڻي تون آهين هيٺ
اسين آهيون مٿي...."
هنن چانديءَ جِهڙن بادلن
۽ نيري ساگرَ جي راند تہ
منهنجو سفر ڪري ڇڏيو آهي سهاوڻو

## ٻُور ڀَريو وڻ

ڇئن مهنن ڪانپوءِ
مس ڇُرپُر ڪيءِ،
پر مارڪيٽ جي هَڻ ڀَچاڙ ۾،
ڪلاڪ گذري ويا،
گهر ۾ پير رکنديئي
ياد اچي ويئي تنهنجي!
چوان پيئي،
مورت جيڪا من ۾ وينئي ڏسان،
نِت نرنتر؛
اَنڪان هيڏا ڪلاڪ ڪيئن پري ٿي ويس!
ڪَهڙو آهي هيءُ جڳت جو کيل!
ناريءَ جي اندر هڪ مورت جي سرجنا
جئن ڦل اندر ٻج
سَڪيارڻو پيو لڳي پنهنجو جيئڻ
پرڪرتيءَ جي سندرتا
نَوَن روپَن ۾ نکري پيئي آهي.
گِيت، پنهنجا لفظ،
ڪَنن ۾ اچيو گونجائين
لفظ تڏهن پنهنجو مطلب
کنيو سيني ۾ اوتين
ائين پيو لڳي چوڌاري
چنبيليءَ ۽ موگرن جي سڳنڌ ڦهلي پيئي آهي...
چو تہ مان ٿي پيئي آهيان،
ٻور جَهليل وڻ...!

## وِندُرَ

اسانجي هر وندر هاٽي
وجي هڪ وندر ۾ اَٽڪي
نہ پائي تڻ مٿان ڪپڙو
نہ من ڪي ڪو وٽي جَذبو
رڳو هڪ تار تنتن ۾
ڪٽي هڪ آس اکڙين ۾
اسانجي دل وئي پٽڪي
اسانجي هر وندر ساٽي
وجي هڪ وندر ۾ اَٽڪي

## گهور جو پيئي وجانءِ

تون آهين منهنجي جيون جو اَپاءُ
سورج پيو گلابي ڪرڻن سان اچي
تون آهين اجان ننڊ ۾،
تنهنجين ڪنن جي پاپڙين ۾...... چپن ۾.... ڳلن ۾
ڪهڙو آهي اُهو پيو سورج
جنهن جي رنگت آهي گلال کان گهري
پڪڙي پيئي آهي تنهنجي منهن تي!
آءُ توکي ڇ مان بہ ڪين ٿي
اکين سان ڇهيو، گهورجو پيئي وجان.
تنهنجين پنبڻين هيٺان سٽل آهن
منڙيون خوابي اَ:ڙيون
اَکڙيون جن جي روشني آهي
پرهہ جي باک کان نرمل
جڏهن تنهجن ماٽڪين مان
نهار لهندي آهي منهنجين اوجاڳيل اکين ۾، تڏهن ممتا پڪاريندي آهي.
پٽ!
ءِ مرڪي ڏيندو آهين تون
ان ويل مرڪ ٿاهيندي آهي ننڍڙيون ڪڏڙيون
تنهنجن ڏمٽن ڳٽن ۾...
آءُ توکي ڇمان بہ ڪين ٿي.

رڳو اکين سان ڇهيو، گهورجو پيئي وڃان.

## پيڪن جي پريت

ڇڏي به نه سگهان،
اَڏي به نه سگهان
آڏيءَ تائين ته ڪنهن اک به ڪين لڳائي هئي
مهنو مليَس،
پوءِ به وَڃڻ ويل سگَ نه ڏاپي
بابل مايوس،
هَٿَ ڇُميم،
ته اِهُ موڪِي ٿيو وڃان
اَمڙِ منجهيل......
ڇا پيئي ڳُولهي، ڇا پيئي ڦولهي،
ڇليل ٻج ، مڱُن جا پاپڙ،
هَڙُن ۾ هَڙُون.
ڪي جو هجيس، ڪي جو ڏِيم
پايڙو ويڳاڻو:
صبح سوير دوست ڪي ڇيائين،
"وندر ٿي وڃي..." اُداس هيَس اکڙيون
پرَهُو ڇا ڄاڻي وندر جي اُداسائي...
جا مهنو رهي پوءِ به سندس سگ نه ڏاپي.
ٽانگو آيو،
نَنيڙي جا چُمين پريا ڳل
"اَچين ونون ٽا." سيتي پيو وڃائي،
سندس نَنيڙا ساٿي پيا چاندوڪيءَ ۾ چمڪن.

ماءُ جي اکين تي رَئي جو پلئه،
پيڻ ڳوڙها ڏسي رومال وڌايو
سڏڪو دَٻي پنل اکيون کنيائين....
پيڪن جي پريت
پير ۾ اَٽڪيل پَلئه جيان،
ڇڪ به نه ڏيان،
پَلئه ڦاٽو،
ته ڪانڌ اڳيان ڪيئن ويندس؟

# اَهنر نہ آيو

آمبرت ويلي،
ڪوئل پئي وڻن ۾ ٻوليو
ڳوٺ جيَ ڳسن تي هڻئا ڍڳي ڳاڏين جا چيچاٽ
اما وڏيءَ،
مالها جي داڻن تي
واهگرو واهگرو پئي چيو
بابي پينگهيءَ ڪان اڳڻ ڏوئاريندي،
”سيتارام“ پئي سمريو،
راڌائون،
بوچڻ ڪلهي تي وجهيو،
’راڌي راڌي‘ ڪندو پئي آيا
پوءِ پلا منهنجي من ۾
تنهنجو نانءُ
ڪيئن نہ وڃي؟
اَڪيون منهنجون
ڪڏهن در مان
ڪڏهن دريءَ مان
ڳوٺ جي ڳس تي
وَجو توڪي ڳولهين.
تڏهن لاڏن وارين،
پوڳ ڪيا
پيڻ اَهلون ڪيون
گهڙين جو ڏينهن
رات اچي پهتي،
ساٽ سوڻ
شروع تي ويا
تڏهن ڦڙڦوٽ اچي پيئي
اَهنر ڪتي... اَهنر ڪتي
سرتين چرچا ڪَيا،
ماءُ جي گود ۾،
ڪير پيو پيئي
سؤتن اَڪ يَڳي..
ڪاليجيَ جوان آهي،

ماساتين چوتي پٽي،
تہ لانگ واريءَ سان
ڪيچ پيو ڪري؟
تڏهن آءُ سيني جي
ڪلڪي وچان لنگهندي،
ننڍڙي جي هٿ ۾،
ڪاتي پڪڙائي
پاٽي پيئي چيريان..
دل پيئي وڍجيم

## شهري وڏيءَ دنيا جو واسي

تون پڙهيل ڳڙهيل
آءُ ڳوناٽي
پر وَر مالا جو قبول ڪيءِ
تہ آءُ
پڇ ٻڌيو مهري تي پئي قربس
ويس وڳو هوم شهري
عطر پائوڊر ولائتي
سڪين سان ڳڏ نہ پيئي ڪاوان
لاڏا نہ پيئي ڳايان
ڳوٺ پيو ننڍو لڳيم
پر تون جو آئين
تہ ويچا ندرئي ڪين وڌءِ!
ڳوناٽن وچ ۾
ائين اچي وينئن جهڙو ڪانن وچ ۾
ڪٽڪ جو سنگ!
ڪاپار مان ڪلي ئي نڪري ويم
وات ڦاڙيو پيئي ڏسانءِ
”هي آهين تون...
پڙهيل ڳڙهيل؟“
اکيون ڪٽي چيئہ،
”هائو، وڏي دنيا جو واسي.“

## ٻال گوپال

منهنجا ٽول گُلابي!
اَلائي ڇا ويٺو ڪندو هوندين هن مهل...
چنهب ملائي، چوڳو پيا ڪائين پکي پکنَ..
مکڻ لتا منهنجا هٿ
تنهن مهل ڳلهين پيا تنهنجا ڊِمٽا ڳِلَ
ٽڏي هيرِ ۾،
تلسيءَ جا ڏَلَ ۽ پتا پيا جهومن
نہ تلسيءَ کي پاڻي ڏيندي سيات پيو پويم
الائي بنا سويٽر نہ ڪين نڪتو هوندي سئِر تي!
اج گهر جي ڪُڪنديءَ ۾ گُلاب ٽڙيو آهي..
هتي هجين ها تہ...
ڇَيج ڪٽي وجهين ها، منهنجا ٻال گوپال!
اَسهڻ ڪان اڳ،
پوکيو هوءِ هيءُ ٻوٽو
با غ ۾ پل سَوَ گلاب ٽڙن
پر ڪونديءَ ۾ جو گلاب ٽڙيو آهي....
نہ اکين ۾ اچي ويٺو آهينم تون
منهنجا ٽول گُلابي!

## هُن جي هَلئي وڃڻ کان پوءِ

نَہ ٿو اچي ڪُجھ بہ راس..
منہ ڇايا نہ پرڪاش
اَگاڌ مانارَ آهي..
جا پري ڪتي جبل سان ٽڪرجي،
پُن پُڻِ ڪندي واپس هلي ٿي اچي
موَکِي اُسَ جو ترڪو
جڏهن دَريءَ مانَ لِيو ٿو پائي؛
تڏهن آرسيءَ مان اولڙو پيو پوي پٽ تي
چپ آهي اُها ڌرتي
جتي هنجي هلئي وڃڻ جي ڇايا پيئي لٽڪي
من آهي نہ! هاڻ تہ

نہ چايا ۾ سُڏڪي
نہ پرڪاش ۾ ٻهڪي
ٻوڪ ۾ شايد پاڻي هو.
نہ تہ سچ ڪيئن چمڪيو هو
منهنجي هٿ ۾ ؟
وٺين مان وهندو پئي ويو شايد
نہ تہ پلا اُس جو موڳي
تي وڃي هٽ تي؟

## خالي ٿي پيو آهي جهان

چا ڪٽي ويو آهين ڙي مَن موهن!
اَڻ پورو ٿي پيو آهي جهان جو هر اَنش.
ڪٿي لڪائي ڪٽي وئين منهنجي مون جو پَئن
اَڪيون تنهنجون پريل هيون منهنجي پريم سان..
چِپَن اَندر ڊوڙي تي ويا ڪُلتا مون لاءِ.
ڪهَڙي هئي اها ساهہ جي پَرسپَر سڳنڌ؟
ڪائي سڳنڌ انجي مَتِ ناهيَ
ڪهڙي هئي اها ويجهڙائي؟
ڪو بہ ويجهو وهڻ سان ائين من نٿو پري..
خالي ٿي پيو آهي جهان...
خالي ٿي پيو آهي مَنُ.
عجيب آهي هيءَ هيڪلائي..
تون آهين من ۾ تن ۾...
رات ۾ ڏينهن ۾...
هر لمحي مون سان گڏ.
پوءِ بہ مان ٿي پيئي آهيان اَڪيلي
چا ڪٽي ويو آهين ڙي من موهن!

## رولاڪ مَنُ

من! توکي اها رلڻ جي عادت ڪيئن پيئي!
ڪروڙ ڪم پيا هجني
تہ بہ ائين اُتي هليو ويندين

جڻ ماڪيءَ جي مک کي،
گلاب جي گل سڏ ڪيو
بمبئيءَ جي هوا سان رُتي ڪُتي ويئي هيس
اوچتو
الائي ڪٿان ڪوني آئين پون ڪماريءَ کي!
انهيءَ به گهڻو پٽڪايو آهي توکي
چوين ُراهه ۾ چندن پريا چوتا کولي.
واساما پئي ڳاتايئن`
ته پلي آئينءَ پون ڪماري
توسان ته ٻالاپڻ کان
سنڌ ۾ ئي ٻڌي ڪئي هئم
ستي پئي هوندي هيس
چَند هينان،
وڏي ڪليل چوٽ تي،
اچي پُٽڪندي هئينءَ
قصا ڪهاڻيون،
سيتل سهائي ۾
آس پاس هئا کي متيءَ جا گهر،
ڇاپورا لتل پت مان ليئو پائيندڙ
ڪچيون پڪيون سرون،
اڳ واري اوَج جون ڳالهيون ڪنديون هيون،
ڪتي ڪنهن سجيرڙي گهر مان ايندو هو
فوتي جو آواز
”چو بند ڪيءِ بند ڪاري!
هت منُهَنجا نيڻ رُئن.... چو....“
تَڏهن ٻڏڻ ۾ ايندي هئي رات جي وڳڙي کي
چيريندڙ ڪنهن جوانڙيءَ جي ٽئونڪار،
پَري ڪتي ڪُتي جو اونائڻ...
۽ پَتَ پَرجي پوندا هئا سندس رودن سان
تڏهن ڪائي ڪونتي ۾ ٻڏل گانءِ
ڪنڌ هلائي، ڳچيءَ ۾ ٻڌل
گِهنڊ کي وجائي
سانت تي ويندي هئي،
پر گهنڊ جي ٽن ٽن وايومنڊل ۾ پيئي پڙاڏا ڪندي هئي
متان،

چانئجي ويندي هئي هينگ
کن لاءِ ڪَتين جو ويڙهو
سجو سجاڳ ٿي ويندو هو
مگر پون ڪماري!
تون ڪٿي ايندي هئينءَ...
ڍِبِ ڍِبِ — ڍبِ ڪنهن مڙهيءَ مان ڍولڪ جو آواز!
سيات پَئجي ويندو سرير ۾!
’سرڪي سمهو او او‘ هراس پريو آواز
پرَ ۾ ڪرونڊڙيون ٿي ونديون،
ننڍڙيون پينرون
تڏهن چوان پون ڪماري!
تون تصور جي سُجاين مان،
اهي آواز چو ڪني ايندي آهين؟“
پر هوءَ ڪجي جهڙي پتِ! تڏهن تہ چوان ٿي،
من! توکي رُلڻ جي عادت ڪيئن پيئي؟
ويني هئس بمبيءَ جي هوا سان رُتي ڪتي...
پوءِ بہ ڏس ڪيئن ويهي پٽڪايو اٿيئي مونکي
وساريل وادين ۾....!!

## مَنُ چا چا تو ڪنو ڪري!

چا چا ڪنو ڪندو تو رهي هيءُ مَن
سڪون سَڏون...
ڏيڻ وٺڻ جون اِچائون
مگر اُن گهڙيءَ اچڻ تي
پيو ڏِسي ئي ڏسي اهو مُکڙو
جنهن لاءِ سانڍي رکي هئائين —
سالن کان سڪَ.
اهو ڪومل مَنهن وارو من موهن —
جيڪو ڪٿي آيو روشني ....
چڏي ويو انڌيرو...
هاڻ تہ ڏينهن کي سج جو پرڪاش روشن نٿو ڪري
نکي رات کي چنڊ ڪا سهائي تو بخشي
سڪون سَڏون...
ڏيڻ وٺڻ جون اِچائون —

بس اُن راهہ ڏي پيئون تَڪين —
جنهن تي اجان سندس قدمن جي ڌڏڙ پيئي اُڏامي...

## اَمڙ! تون تي وڃين تہ....

اَمڙ تون تي وڃين تہ جيءُ پيو جُهري،
گلاب جي ٻاڙي ٻڻجي
الاجي ڪيڏيون برساتيون سٺيون تو.
آءُ تنهنجو اَنش، گُل جان پَليو رَهيس —
تنهنجي گود ۾.
پرجَڳ جي سونهن وڏائڻ لاءِ —
پري وڃي ڪنهن ڪُونڊيءَ ۾ ڏيرو ڪيم.
موتي نہ مڪڙيون اُسريون منهنجي سيني تي،
الڳ اُسرڻ لاءِ مجبور تي پيس.
مگر تون تي وَڃين تہ جيءُ پيو جُهري
مزور سامان کڻڻ لاءِ سيڙيا بيٺا آهن.
ٽيمپو وري وري ٿو هارن وڄائي.
هيڏو وڙهڻ هيڏو جهڙن
پوءِ بہ چوين
تون ئي حصا ڪر پٽ....
سامان جا.
من ۾ وڍ پيا پون
گلن جهڙي موهہ جا
پلا ڪهڙا حصا ڪريان؟
رڳو پيو چوان....
اَمڙ! تون تي وڃين تہ جيءُ پيو جهري.
پائر پينر ڪچري ڪانپ
منهن سُسايو ويٺا آهن سامان تي
آءُ تہ ڏاريو تي پيو آهيان هنن لاءِ،
سڀ ائين سمجهي ويٺا آهن،
تہ آءُ جاٽي واٽي ٿو توکي ڌار ڪريان.
هنن کي ڪهڙي ڪل تہ،
امڙ! تون وڃين تي تہ منهنجو جيءُ پيو جُهري
قدرت جي ڪِل جهڙي پُل
لاجوءَ مائٽ ڇڏيا مون لاءِ

تو عمر ڏني منهنجي اُسرڻ لاءِ
پيار ۽ پوڄا جا لڳا آهن ڍڪر
ٻن اُبتڙ وَهڪرن کي ڏُنڊ مچايو آهي
اڪيون منهَنجون ڪجهه ڏسن ٿي ڪين ٿيون،
۽ ڏسن ٻه ڇا؟
جهولون ڪٽي ڀُريون آهن
سَسُ ۽ ننهن
اَوشواس جي ڌُڪرن سان
بَس امڙ! منهنجو ته جيءُ پيو جُهري

## هيڏو ويچاندڙ!

ڀُلون ته هرڪو ٿو ڪري،
تون ٻه ٿو ڪرين،
ته مان ٻه
پوءِ مونکي ٿي، ڪَنيو ڪُتي ڏيئي ڪانگي ڏين
سو ڀلا ڇو؟
ايڏو ويچاندڙ!
ڀُل چُڪ ۾ ڊِگهو بندرو سڏي وهانءِ،
ته وَرَوَرَ ڪري پيئيَ معافي وٺانءِ!
تون جو ڪَبٽَ جي ڪُنجي وڃائي اچين،
۽ مَٽان اَچي منهنجي چيٽ لاهين
تنهن ڀُل لاءِ معافي ته نَه وٺين
رڳو مون رُٺيءَ کي ٻه نه پَرچائين!
ايڏو ويچاندڙ!
تون منهن سُسائين
ته آءُ نِير وَهايان
ته ٻه تنهنجي ليکي مڙيوئي خير
اَڳي ڪان اَڳرو ڪم کي جُنبيو وڃين
ايڏو ويچاندڙ!

## هنياري ٻه نه وَرتئه

جيءُ پئي جُهريو

جڻ موم تي ڳرُي
اُتي هِنياري به نه وَرتئه..

## مَهٽي مُنجهائي وڏو تم

نه ته مال مَتا ع ڏسي ڪين وريو هو ماڻ
آءٌ ته تنهنجي تيج مٿي هئس
چَڳاين ڪُٺي هئس...
پوءِ بنه اُتي هنياري به نه ورتئه

## مين هن جو پاڻي پئي وهيو

بي روڪ بي ٽوڪ
ٻالڪن پئي ڪلول ڪيا
چندن جي چير تي مائر پيئون ڪلن
دل اچي تي ته آءٌ به ائين
ڪِلان ڪڏان...
اَبي وانگر سهم ڪَديئه
آءٌ وچون رچون تي ويس
پر تو سجن اُتي هنياري به نه ورتي.

## ڪوري ڪِنگر وانگر........

ڪڏهن مٺا اِئين ڪٿي چوني،
’راٽي رولي وڏو اتيئي منهنجو من!
تو بنا سري ئي ڪين تي.‘
ته مٺا! مان جيڪر
ڪوري ڪنگر وانگر ٺري پوان.
منهنجو اَپالو من‘
چاهه ڪٿي
ٿيو پوي مڪُ ڪوليل سپَ
اگر بوند سمان
تنهنجا مٺا اڪر اچي تن من سيتل ڪن
ته آءٌ جيڪر ڪوري ڪنگر وانگر ٺري پوان
ساوڻ، گهنگهور گهٽائون

من بي چئن، ڇپ اُساتيل
سيات اڇيو پوي سرير ۾
تڏهن مٺا، جي ائين ڪٽي چوين
راٽي ويجهو اَچي ويهه،
ته آءٌ جيڪر ڪوري ڪنگر وانگر ٺري پوان.

## دري ڪوليم ئي چو

دَري جو ڪوليم
ته هوا جو جهوٽو هليو آيو اندر،
سوين ڇُهاءَ جاڳي اُٿيا سَرير ۾
اِئين ته سياري جي هوا،
بدن ۾ سيسات وجهند يئي آهي،
پر هَر سيات سان جُڙيل آهن يادگيريون
ماءُ جي مَلمل جي رَئي جو پَلاند...
بابل جي ڪَهٽين ۾ وشوَ جي هيڪاند...
اسڪولڪ جي باغيچَي ۾.
گرل گائيڊ جي ڪئمپ فايَر....
مگر هن سيات اندر
ڪهڙَي آهَي اُسات
جا پاٽي پيئڻ سان ٻجهي ڪين ٿي،
هوا جي تڏن جهونڪن سان،
وڌيڪ بيدار پيئي ٿئي.
۽ بيداري، جا پَڪيءَ جي اڪ جيان،
هَر ٻوتجي ته هَر کُلي پيئي!
سُک سمهڻ ئي نٿي ڏئي.
تڏهن چوان پيئي – دَرِي ڪوليم ئي چو....
جو سوين سيات، جاڳي اٿيا آهن جيءَ ۾.

## تُنهنجو رُسڻ.......

حيڪَ مينهوڳي،
ٻيو تنهنجو رُسڻ؛
بس من تي پيو آهي

جهڙي جهوپڙيءَ جي چِنل چِتِ...
نہ تارا اهن،
نہ چنڊ،
بَس موڳو موڳو اُپ!
اَچَي جا وَسڪا
تہ اوجاڳي پريون اڪيون
چادر ۾ ڪنيون ڏَڪيان
پر بوند بوڇاڙ سا
چادر بہ پڇيو پوي
هائو،
تڏهن تہ چوان ٿي،
هڪ مينهوڳي —
هيو تنهنجو رُسڻ
من تي پيو آهي
جهڙي جهوپڙيءَ جي چنل چت.

## مَهِٽو مَرڪُ نہ هوءِ

ڪَتي تو ڪارائينم
برابر،
پر مهِٽو مَرڪ نہ هوءِ،
ياجي پُتو آٽڻ چڏيئہ
توڪري ڪٽي مارڪيت ويس
چَيئہ چا تي پيو
ڪتي تو ڪاريانءِ
برابر، پر مهٽو مرڪ نہ هوءِ،
گهر ڪٽي فوتن سان پريئہ
منهنجا ريل ڊيربون اُڇلاَئي چڏيئہ
منهن سُسَايم 'درزين ڪي بوڪ ڏيٽا پوندا'
چيئہ 'چا تي پيو
بُڪَ ڪونہ تو مارياںءِ'
بار تنهنجا، توسان انگل نہ ڪن
اڪيون ڪنيو پيا توڏي نهارين
چوان ٻارن تي ايڏي دَهشت!
چَيئہ 'چا تي پيو.

ڪتي تو ڪاريانءِ
نظرون ڦيري
ٻيءَ جي سُک دک جي سار لڌءِ
منهن پاسيرو ڪري
لڙڪ اگهي ڇڏيم
ڏِيھ ڏوراپو ڏنو،
’تنهنجو تہ ٻيون پيو تَڪي‘
چيم ’ڪاٿائو گھوٽ آهيم
جيڪي ڪري سو ٺهي.‘
هائو سڄڻ!
ڪتي تو ڪارائينم،
برابر،
پر مِٺو مرڪ نہ هوءِ

## من شناس

من!
گيت تو لاءِ هئا، تہ تَنَ جون تارون تي وَڄيون
هينئر جون تارون چپُ آهن، تہ گيت شايد تو لاءِ ناهن
تَنَ جون تارون ماٺَ هوندي بہ گھڻو ڪجھ ڄاڻن ٿيون
نہ تہ پلا سَندن جَھنجھناهٽ جو بند ٿي ويئي.....
گيت تہ اجان بہ ڪوئي ڳائي وينو......

## پرُوَن پئي پيا

پرُون پئي پيا،
ڪَنهن هاڃي جا.
اکين تہ ڏنو ئي ڪين تي ڪو هاڃو
پر من اهي نہ، ائين تي ڦڙڪيو
جهڙو پيرَ جو پَنُ
ڪتي ڪَنهن وفا تي لُٽي
ڪير ڄاڻي ڪھڙو ڪُوڪٽ تي ٻريو
۽ ٻاڪار هتي پئي اُتي
ڪوهن تان ڪيئن تي رَسي

وفائن جي لُڙجڻ جي
هيءَ تند بنا تار!
جان کي اهو جوکو نہ رسي...
تہ ڪوئي آنند کان اُداس ڪيئن ٿئي...
ڪيئن ڳولي اَگمَ اَگوچَر جي پريت...
ڪيئن ڳولي اَنهد جي آواز کيِ...؟
آهي تہ شايد اهو بہ اَندر جي سچ جو پڙاڏو.
پر هيڪل وسورو انسان سر پَٽِڪي تہ ڇا سان پٽڪي؟

## ڪانوَ وٽاريل تلاءُ

سالن کان سڪ هُئُس
تہ بَنگلي اندَر سنان لاءِ تلاءُ هجي
تلاءُ ٺهي تيار ٿيو.
سائڻِ ڪلها اُگهاڙا ڪيو
وارن کي وانگوري ۾ ٻڌيو
گلابي ٽوال ۾
ڇاتي ۽ ڇيلھ وڪوڙي
پير پير ۾ ڪندي
سَنگمرمر جا ڏاڪا پئي لٿي.
ڪانورَ ڪڏهو ڪر پيئي تلاءُ وٽاريو
هڪ اک سان
سائڻ کي ڏسي ڏسي
پاڻي ۾ ڇهنگ هڻي
آخر اڏامي ويو
سائڻ کي سنان جو موهہ
پر من ڇويس
ڪانو وٽاريل پاڻيءَ ۾ نہ لهہ
مگر سرير ڪٽي ٿو مڃي
پيڻ جهڙا پير ڪٽي،
لهي پيئي تلاءَ ۾.
پاڻيءَ سندس ڇيلھ چوڌاري وري
ڏاڍا لاڏ ڪيا _
چمندو رهيو

دنَ سان ٽہڪايل، اڇو اُجرو پيٽ
ڳراهڻيون پئي پواتائين
پاسرين کي
سائڻ اونڌي ٿي تري
تہ سِبتي ٿي بہ تري
پاٽيءَ جي نسبت ۾
هلڪو سرير....
پر من ڳور.....
ڪانوَ وٺاريل پاٽيءَ ۾ جو لٿي هئي،
’تہ ڇو پيئي ترسان
جوٺي پاٽيءَ ۾....؟‘
اُداس اکڙيون — من موڳو......
سائڻ وري وري پيئي سوچي،
’تڏهن ويس ئي ڇو ڪانوَ وٺاريل تلاءَ ۾!‘

## تو تہ مِٺا مونکي......

تو تہ مٺا! مونکِي سجاتو ئي ڪين...
تنهنيَ ڪَنول ڪمارين مان پَلي ناهيان.
مگرُ آهيان تہ تنهنجو ئي لٽوڙيل دَرياءُ
بَند ڏيئي واهي ڦٽو ڪيءِ ٻَني ڏي.
پاٽيءَ ڪيٽ ڪٽي ڪيا...
سَڄَ ۾ وَسَئن ڪا ٿي....!
هاڻ تہ سنگ پيا لِهرائين.....
پڪي پيا ڳائين....
پر تون ٿي پيو آهيان اُداس....
ڪيتي سَرَ سيتي،
پر تون پَيو ڪيلين اجان
ڪَنول ڪمارين سان
تہ بہ من ٿي پيو اتئي ڳوَرو:
ڇو تہ سَمي پنهنجي ڇاپ هٽي ڇڏي آهي،
تن هنجي انگ انگ تي
ڪَنول ڪمارين جي ٻوڪن ۾ آهي ڪِل ڪِل..
۽ اکين ۾ آهي نردار....
تڏهن تہ چوان پيئي،

منا! تو مونکي سجاتو ئي ڪين.

## بي رُخي

داتا!
ڪنهن نہ گُناهہ جي سزا آهي هيءَ!
نہ نہ تنهنجي نهار جي نوازش ڪان
محروم چو ٿيان ها؟
منهنجا سورج!
تون روز ڪرڻن جا ٿالهہ پري ٿو سنسار کي آچين.
پوءِ مون وٽ ئي چو سياري جي سيات رَهجي ويئي اهي؟
ڪنهن گوڏاهہ جي چادر هوندم سَر تي...
ڪنهن پَل جو پالُ هوندم مٿان
تڏهن نہ اُسَ جي تيرڪي لاءِ اچي حيران ٿي آهيان!
داتا تنهنجي قربِ ۾ اهڙي ڪا تِک پريل آهي
جو ڪالهوڪا ڪوماڻل ڦَل
اڄ وڻن ۾ ٽو اڳيان
سينو چاڪ ڪرڻ لاءِ حيران آهن!
تڏهن ساڙي چڏ نہ اهو پَردو
جنهن ۾ مون ڏَڏِ جي ڪا اَرڏائي لڪل آهي.
نہ آءُ بہ چاتي چيري ڏيکاريانءِ
تہ اندر تنهنجي روزاني ڏِنَل ڏات جا
ڪيڏا اَنبار پري رکيا اٿم.
هن سيات ۾ نہ هٿ ئي نٿا هلن
جو انهن انبارن مان
ذري پريت بہ ظاهر ڪري سگهان
تو اڳيان.
پر راڻا!
پَلي تنهنجي اِها بي رخي پائينديس
جنهن اوڳائيءَ جي اَوستا مان
تہ جاڳايو
تون جو مونکان
پَلُ نہ پاسي ٿين_
سو هيڏي بي رخيءَ سان
دل تي ڦت ڪين ٿي پيا هونداءِ!

چاڪ تہ تنهنجا بہ چڪندا هوندا.
اَٽجاٽائيءَ ۾ ڪا بُرائي ڪئي هُجيم
تہ جاڻ بہ نہ ڏينم –
بس بخش بُرايون بنديءَ جون
تہ پري وهون پتار
هاڪَاريَون پيهار
پيڙي پئي وَنجهہ ڪٽي

## بهارون.......

بهارون
ڪَٽي خوب ٽالن ۾ جوتيون
لَتيون اڄ اسان وٽ تي مهمان آهن
هوائن ۾ مينديءَ جي خوشبو گهلي آ
گُلن مان سڳنڌ راز واري اچي ٿي
تہ لهرائي ٿو تن من...
سُهاڳڻ سمهي ڪيئن...
۽ هُنجو بہ هرهر...
اُتي رات ۾ روح پِتڪڻ لڳي ٿو
سَچي قرب خاطر سَو دلدار دلبر
وجهي خوب ڳولا بنن ۾ بَرَن ۾
نَہ پائي سو عالم
سَچو سڏ ڏئي جو
وجهي مونهن مونن ۾ ڦتڪڻ لڳي ٿو
اُتي رات جو خوب پِتڪڻ لڳي ٿو
پڇي ٿو بهارن جي جوتين ڪان هن پر
ڏسيو مونکي، ملڪا بہ بن بن ٿ پتڪي؟
ڪٿون روشنايون تہ مومل منايون
بهارون ۾ شڪ جا سپيئي وهم لاهيون

## مَنُ – چوماسي جو بادل

من تي پيو آهي چوماسي جو بادل
پيو ڳري ئي ڳري
نہ رڙي ٿو نہ چِڙي ٿو

پيو ڳري ئي ڳري
اول تہ هي بادل
ساگر ۾ هو
ساگر مان جو سرُ کڻي ٻاهر آيو
تہ هوائن کَنيي کڻي چوٽ چاڙهيس...
پهرين تہ وچ سان ورکي
گهٽوئي ڦٽي نچيو ۽ ڊکيو پر هَوائن جي ڌاکڻ جو
نکري ويئي وچان
تہ بادل پيو هيٺ نهاري —
چوٽ تي چاڙهيل اُتَ جيان.
لَهڻ جي وات.... ڏگ تہ اتس ئي کين
تڏهن تي پيو آهي بيٺل بادل
پيو ڳري ئي ڳري
هاڻ: تہ وڏ ڦڙو پيو وسي
بس ائين ئي من تي پيو آهي چوماسي جو بادل.

## لتورِيَلُ دَرياءُ

مَنُ تي پيو آهي،
جهڙو لتوڙيل درياءُ،
اندر ئي اندر،
متو آهي کو مانڌاڻ،
کوئي جانور،
وجي کنَ ۾ ڦاتو آهي:
پيو ڦِتڪي پيو ڦتڪي
جيسين مَري،
کنَ جو ترو نہ ورتو اٿس:
تيسين پيو ڦتڪي،
پيو ڦتڪي،
اِنکري شايد،
متو آهي مانڌاڻ،
من تي پيو آهي —
جهڙو لتوڙيل درياءُ

## وچ مهراڻ

من هيءَ تنهنجي ڪهڙي فطرت
ٻڏي نہ ڄاڻي تري نہ ڄاڻي
ڪائين غوتا وچ مهراڻ

## مَنُ – ويسلو

ميلو پوروتي ويو،
ڪَئين آياڪن، مَنَ جا پاوَ
قصا ڪَهاڻيوَنَ،
گيت غَزَلَ،
مورتون،
صورتون،
۽ چا چا نہ
پئي وڪيو.
ڪن خريد ڪيو....
هاڻ موٽيو پيا وڃن.
ڙي مَنَ!
تون سمجهين پيو...
اِها دُڏَڙ –
جا اُڏاڻي آهي –
سا
اڃا ميلي وارن جي –
قافلي جي –
مرحبا تي ڪري؟
پاڻيهاريون،
مَٽَن تي مَٽڪا،
۽ چيلهہ تي چونئريون ڪٽي،
نديءَ ڪناري تان
پيئيون موٽن
جهرڪين جا جُهرمُٽَ
اڃي اڏاڻا آهن،
ڙي من!

تون ائين پيو سمجهين،
تہ ھي جھريڪون،
پاٽيھارين جي،
گھاٽ تي وڄڻ جي
سوچنا ٿيون ڏين؟
سنجھا اڃي سھڙي آھي،
ڳانيون بہ پيئون موٽن.
ڙي مَنَ!
اُپ تي جا لالي پکڙي آھي
تہ تون پيو سمجھين
پرھِ باک ڪڍي آھي؟

## ڏُک جو ڄاھو

مَنَ! اِھي موڳا ميدان ڏنا ھُئہ ڪڏھن؟
اِھي سجون سَڙڪون –
جن تان پير پير ڪيو پيو ھلين –
ڪڏھن ڏٺيون ھيون تو –
اڻ ڄاتل وَٽِراھُن ۾ ؟
ڏِڪي ڇَڏ نہ، اِنھيءَ ڏُک جي ڄاھي کي –
ھنَ وچوڙي جي پُل کان ھيٺ!
وَاھوندو پيو وھي –
پريت جي جل سان پرپور
پَلجي ڦٽي ڪر نہ اھا وچوڙ: جي پُل!
برانگ جيڏي واھوندي مٿان
ڄا لئہ ٻَڌي اٿيئي وچوڙي جي پُل –
جنھن تي ڏک جو ڄاھو –
وري وري اَچيو بالم ٻٽجيو وھو رھي....؟

## مُوڏ

مَنُ مُنھنجو ٿي پيو آھي –
ميڻ جيان ..... اَڪرمي
وَتِ جو وتانئس

تي ويئي آهي گمُ
تہ نہ ٻري،
نہ روشني ڏئي...
پيو آهي هڪ ڪنڊ ۾ _
اُجاتو –
سُجاٽپ وڃايل –
هڪَ گُمناَم لوت جيان –
پُستَ تي پيا آهن خيال –
چو تہ اَڪرمي آهن اعمال.
تڏهن ساهہ جي سرڪِٽيءَ ۾
سِروجهي –
دَم پيئي ڳٽيان –
سو ڪهڙيءَ آس ۾ ؟
سرجنا جو ديپڪ،
جنهنکي –
روشن منار سمجهي _
پريم ڪَيم –
سو تہ اڄ بہ آهي –
ڪرمَ وان –
اوچي ڳاٽ بيٺو –
اڄ بہ راهہ روشن ڪري پيو –
واتَهڙُن جي
ٻيڙو منهنجو –
جڏهن وتائنس لنگهيو –
تڏهن منهنجي راهہ
ڪري چڏيائين –
جَهڳ مَڳ _
پنهنجَن ڪَرڻن سان.
پر هاڻ جو –
آءُ نڪري ويئي آهيان –
پري –
تہ اونداهين ۾ _
ٻيڙو منهنجو –
شايد اچي ويو آهي –
ڪَنهن اَنڌي ڪنَ جي چَڪر ۾.

وَهڪَ آهي تڪي
وَنَجهہ ويا آهَن ڇڏائجي –
ڇو تہ من منهنجو تي پيو آهي –
اَڪَرمِي

## سيتا جي ويدنا

ليڪو لَنگهي ڪنهن ڪي پريم جي بکيا تہ ڏني ڪين هُئم.
هائو تِي لپ جي مٿان جل جو ٽپو رکيَ ڏنم.
پر اها تہ دَيا آهي،
سرشت:ءَ جي سرجنا جي رکيا آهي –
پوءِ بہ مونکان مُکُ ڦيري ڇڏيئہ؟
پُرش جو آهين –
تون ڇو سمجهين سيتا جي ويدنا!
مُک مونڏي هُجيئي –
پَلِ ڪو هَن جي دووڙيءَ تي هُجين –
ڇنيءَ ٽُڪَر بہ نہ لکين –
پوءِ بہ، من ۾ هوندو آهي سَنتوشُ
پر اڄ ساڳيءَ ڪٽ تي،
پانهن بہ نہ ورائين،
تہ اَسَنتوش ڪيئن نہ ٿِئي؟
پاءُ پَلڪَ اَک لَڳائي
اُٿيو اُٿيو پيئي وهان –
مگر پُرش جو آهين –
تون ڇو سمجهين سيتا جي ويدنا؟؟
يُگَ گذُري ويا _
سيتا ۽ رام جي سمي ڪي
ديا ۽ پريم جو فَرق –
اڄ ٻار بہ ٿو سمجهي –
پر تون......؟
ان ڏينهن دَيا پاوَجي پورتيءَ لاءِ،
سيتا ليڪي کان ٻاهر آئي.
ڌوٻيءَ نہ سمجهي ڳالهہ –
منجهي پيو رام راجا.
اڄ سيتا يُگن کانپوءِ وري ليڪي کان ٻاهر آئي آهي.

تڏهن نئين يگ جا پُرش!
اُتي نئين رسم جوڙ.
پاوَجي اظهار لاءِ _
ڏوهہ نہ ڏي سيتا کي
زمانو اڄ بہ ڪين پُليو آهي –
پرش جي اهنڪارجو ڪَلنڪ –
گريٽي سيتا کي جهڙ جهنگ –
جا ڏجها ڏيڻ جو!
معاف نہ ڪندءِ ڌرتيءَ جي ڌيءَ...
مگر پُرش جو آهين....
تون ڇو سمجهين سيتا جي ويدنا......

## اَڪيلي پيئي وَڌَنديس.....

جَڳ تي روڪيم،
آءُ نہ رُڪيس.
منهنجي منزل جي راهہ ونيو ئي وئين،
تڏهن پَلئہ ڪٽي پڪڙيم تنهنجو
وَري وَري پيو پاڻ ڪَترائين.
پَر آءُ نہ هَٽيس
قَدَ تنهنجو مونکان ڊِگهو،
وٽن منجهان وات سڌي پئي توکي ڏِني،
تَڪڙو ڏاڍو تي هَلئين،
منهنجي پيرن ۾ تہ لِڦون پئجي ويئون
چارهيون چڙهندي؛
دم پرجي تي آيو منهنجو
پر ڪتي ساهي بہ نہ پيو پٽين...
تہ پلا سات هلندي
هڪ پريم پري نهار تہ ڪٽي اچل!
ڪَندو لَڳم...
رَنڪري ويئي.
تڏهن مَس ڪِنَ لاءِ ڪٽي
مهرجي نظر وڌءِ مونتي
مان تورائتي
شُڪرُ ڇئي ڪٽي هٿ ورتم تنهجو

پروڙيءَ راهہ جا راهي!
توکي ويسانهين کٽي!
تہ آءٌ اڪيلي ئي ٻلي
مَنبڪائي پيئي وَڌنديس.
ڏوهہ ڪين ڏيندي ساڻ
پڇتائيندس بہ ڪين،
تہ جَڳ تي روڪيم،
آءٌ نہ رُڪيس.
راهہ ۾
تنهنجن پيرن جا نشان ڳوليندي
اَڪيلي پيئي وڌنديس.

## نجات

ڙي من!
آخر تنهنجي نجات
آهي بہ، ڪين آهي ئي ڪانہ؟
اکين ۾ صروت
مِن ۾ مورت
سپنن جا چاهڪا!
حقيقت تو لاءِ رَچي ئي ڪين ويئي آهي...
تڏهن آهي هيءَ گُهٽَ...
هيءَ نجات لاءِ، هڻ پَڇاڙ.
گهڙين کي گذرڻ جي موڪل نٿو ڏين...
پهر.....
جڻ جسم جي سڙيل چمڙيءَ وانگر..
توجيءَ تان لاهين....
ڪهڙي آهي هيءَ تنهنجي حالت؟
لڳي تو اَٽُو اَٽُو بڻجي پيو آهي تنهنجو خون!
اَٽُو جي ڪنهن اُس جي دَهي ۾ پيا ڦرندا نظر اچن.
دَهو بہ ساڙي رهيو آهي –
تنهنجي دل جي ٽڪري کي.
الائي ڪنهن –
ان سج جي دَهي کي –
آرسيءَ مان اولرايو آهي!

سمجھ جواب ڏيئي بيٺي آهي...
وس کان بي وس ٿي پيو آهين تون مَنَ!
جيئڻ وجيتو وڏيڪ مشڪل ٿيندو...
لڳي پيو –
شيشي جي پيتيءَ ۾ هو تنهنجو لاش.
شآيد اوچتو لاش ۾ چيتنا آئي هئي...
پر وئرت....
ڪوئي ڍَڪُ ته کوليندوئي ڪين.
موٽ ته آهي ئي آهي.
هاءِ ڙي هيءُ ته ٿيو بيھر موٽ...
ڪٿي آهي نجات.....؟
اڙي سپنن جا چاهڪ من!
ڪٿي آهي ڇوٽڪارو؟

## رهائي

رهائي جي رمز لاءِ _
رات ڏينهن متو پئي ماريم
۽ رهائي جا آئي –
بادل کان ڇنل بوندن جو روپ وٺي –
ته منهن ڪٽي اڳيان ڪيم.
ٺار ڪو پيو!
اوڇاڳا ۽ اُجهرڪيون
وسري ويئون....
ته ٿي هڪ بوند روئي چوي،
’وجود وڃيم پيو سُڪندو –
ڄاڻين ٿي ڇو؟‘
’ڇو؟‘
’جيسين بادل ۾ ڳوري ٿي بيٺي هئس –
تيسين لڳس ٿي
پَريو ماڻُ:
۽ هاڻ آهيان
هلڪڙي:
وجود وڃيم پيو سُڪندو.
جڏهن ڳوري ٿي بيٺي هيسَ

تڏهن هيس لاڏلي.
هوا جو لنگهي –
ته سندس ڇهاءُ نه سگهي سگهان –
وٺيو رڙيون ڪريان – ڦتڪان لُڇان.
لوڪ ڏسي، چوندا هئا،
’هي ته ڏس –
بوند بادل ڪي ڇڏي ئي نٿي –
وڄ جي ڏار سان –
هوا اچي ڦتڪايو اٿس –
رهائيءَ جي رمز شايد –
اچيس ئي ڪين ٿي....
پر هاڻ جو هوا وجود کي پيئي سڪائيم،
ته ڪنهن جي ڪَنَ رتي جون به نه ٿي ڇُري!
تڏهن رهائيءَ جي رات....
سوچ ۾ وجهي ڇڏيو آهي مونکي...

## گهڙيون پَلَ....

گهڙيون پَلَ –
جيڪي آهن هن سنار ڪان اَلڳ –
جن ۾ ڪم جي اون ئي ڪانهي –
تَن ۾ آهي فقط پيارن جي ياد –
وڇڙيلن سان ورونهن.
اهي ئي پَلَ آهَن ڪسرت ۾ وحدت جو ديدار.
هزارن ڪوهه پري هلي ويلَ صورتون –
سامهون اچو بيهن ساڪار بڻجي –
سدا مرڪندڙ، سدا سنيهي –
من کي ڪا وسئِن ٿي ملي تنِ وٽان....
جهڙي سيءَ ۾ سڪڻ ڪانپوءِ اُساڪڙي!
ڪڙيو پون من جون مُڪڙيون،
ڪاش عمر ان ورونهن ۾ گذري وڃي!
صورتون وينيون ڪلن ئي ڪلن –
نه ڏوٺ نه ڏوراپو –
پنهنجو من وينو تَن جون سڪو ساري –
پاڻ کي ڦتڪاري

توکي جن گلي لائٽ تي چاهيو —
تن کان پري پڇين —
۽ اڄ انهن سپنن سان ائين گھلجي ويو آهين
جئن پاڻيءَ ۾ کنڊ.

## نور جو عالم

اسان عالم انهيءَ ۾ آهنئين ڏٺڪي
جتي مشڪل ڪو پهتو آ
جتي بس بي شماريءَ جو شُمار آهي
جتي بوندن جو برشن آ
اُتي چا لاءِ اوهان جو سڏ نتو پهچي؟
ٻئي ٻانهون جي ڦهلائي، پڪاريوو ها سڏايو ها
تہ هن عالم اندر ڪوئي پرندو سهڪندو چوندو وجي ها،
سڏيئي تو هو سڏيئي تو هو سڏيئي تو....
جهنجهيل سُرلهرَ ۾ مان پوءِ
سجايل سوني پايل سان،
ڪندي چم چم لهان ها ۽،
ستارا تم تمائيندا اُڏن ها. منهنجي انگ انگ مان.
ڏسين ها روشنيون تون خود
وجن چڙهنديون وجن چڙهنديون
سجو عالم سنوارينديون
وجن سرڪي ها اوندھ جا سيئي پردا
اُهو ئيَ نور جو عالم... نهايو جنهن ۾ مون ويني
نهائين تنهن ۾ تون پڻ ها... نهائين تنهن ۾ تون پڻ ها.

## سِڪي جو ٻيو پاسو

اڙي دک!
تون ان طرح ڪيئن تو هليو اچين؟
گيان ڌيان جون سپ پهاڙيون ٽپي؟
طوفاني تيزيءَ سان جو اچين
تہ سرير سَمُندَرَ ۾ اچيو ولوڙا پون
ڪيڏو نہ مَنتَن!

چندا جو اُڏامڻ،
تہ جڳ کان ڪيئن لڪايان تنهنجي پيڙا؟
مهل ڪُمهل،
اڇي جو ولوڙو وجهين
تہ شرم پيو ماري
ڀلا ڏک نہ سهي سگهڻ،
ڪا گهٽ ڪانئرتا آهي!!
جي سک آهي سپنو —
تہ تون بہ تہ عمر ڀر رهڻ وارو ناهين!
پر جاڳين ٿو، هيءَ وچتر وارتا؟
جڏهن گهر ۾ اڇي ڏيرو ڄمائين —
تڏهن —
ڦهرئين تہ رَتُ روئاري —
سوڀ تي پيو ڪڏين
پر وقت پُني —
ٿيو پوين پنهنجو،
تنهنجي الڳ هَستي، ٿيو وڃي چڪنا چور
من ٿيو پوي —
جل ڏوتل اوجل آئينو
آئينو، جنهن ۾
ساري جڳتر جو عڪس پيو پسجي
ان گهڙيءَ ڪوئي پاڻڪي جهان کان جدا ڪيئن سمجهي...؟
۽ من
جڏهن جڳت سان مليو
تڏهن تنهنجو وجود ئي بدلجيو وڃي —
تون ٿيو پوين سُک،
۽ سک
تہ آهي سڪي جو ٻيو پاسو

## سَنڌي

کهڙي آهي هيءَ خوشيءَ جي لهر!
سال جي پُڄاڻي...
نئين سال جو جنم
خلق آهي مؤج ۾
وقت جي مرتيو گيت جو ڪٿي بہ ڪو آواز ڪونهي...

نوان سُر – تال – چيچ ۽ مرحبا جا گيت آهن.
هيءَ گهڙي آهي سياڳي –
جنهن ۾ ڪِنَ لاءِ مرتيو جو رودن بند آهي –
۽ جهان ۾ وڃي پيئي جيون جي ڏنِ!
ڏامر جي لَسين ٿَڌين سڙڪن تان...
بتين جي روشنين ۾....
پون پون ڪنديون، هي موٽر گاڏيون، ترنديون ٿيون وڃن.
هڙو آهي اِهو پون پون جو آواز....
جو ٿڌيءَ شانت رات ۾ پيو گونجي...
بلڪل انڌيري ۾ ڪرڪڻيتي جي ٻُروسامَ جيان.
هن مرڻ جمڻ جي گلي ملڻ جي ويلاَ ۾...
هن سک دک جي سَنڌيءَ وقت...
ڪهڙي آهي من جي اِستتي!
شايد ڪجهه ڳائڻ لاءِ، من تي پيو آهي ويا ڪل!!!

## پُرش

تو نہ سمجهي،
ناريءَ جي من جي مجبوري
راڻو بڻجي
مومل ماڻيئہ
سال سڪائي
مس مَوٽئين.
چورن جيان –
رات وهائيءَ آئين.
شڪ جَو سنددرو ٻڌي –
ترقائي وئين مومل کي!
پنهل!
نينهن لڳو هوءِ سسئيءِ سان،
پر پيائر ڏسي،
نينهن جو نشو چڙي...
شراب جا دُڪ لُٽيئہ....
لُتجي ويئي سسئي!
پير پٿون....
جبلَ جهاڳيندي رهي عُمر ڀر....

ميهر منا!
تو تہ ماري وِڌو نہ
موهہ پريءَ منڊ کي؟
توکي ڳَل ئي ڪين پيئي
تہ سماجڪ پريت جو حق
آهي فقط پرش کي!
ناريءَ جي پريم کي
تہ چڪي چنائون —
ڏاڙهون ڳل جيان...
تڏهن تہ...
چوڙا بيڙا چڪَ ۾ لڙَ ۾ لڙهيس وار...
راڳ جا راجا
راءِ ڏياچ!
راڳ تي ريجهي
سر تہ ڏنو تو
پَر سرُ ڪنهنجو هو؟
سورَٺ وَرَ جو
سورٺ، ورِ بن
ڪيئن ڪاتيَندي
رهيو نہ توکي ڪو بہ سماءُ!
اڙي چنيسر!
قرب جا قاتل!
ليلا تو لاءِ
ڇا نہ ڪيو هو؟
مٽئي سان توي موهڻ لاءِ.
رات وڪي هيائين.
ايڏو هو وشواس وڏو ليلا جو!
پر ڪَنئرو ڪَچَ ۾،
سهٽي ننڊڙي،
چو تکي تئي پوءِ،
زال لاءِ ڇاهہ؟
نوريءَ چکو سچا تو توکي
ڄام تماچي!
نوريءَ جا وَرَا!
ڪونہ ڪڏي تي

تنهنجيءَ راجائيءَ تي
سونهن جي راڻي —
پيڪن جي پَر ڪين پُلي
نوري نماڻيءَ
لوڪن کي ڏنو
آدرش ناريءَ جو مثال!

## مِتو مِتر

کهڙو آهي
هيءُ اَڪيلائيءَ جو احساس!
پريوءَ جي پهرئين مورتي ناهڻ واري کي
شِدت سان
مَحسوس ٿيو هوندو هيءُ احساس!
مورتيءَ جي معمار سوچيو هوندو
’مورتي هجي، مون جهڙي —
هڪ دوست جهڙي —
منجهس ڪَميون پيشيون —
نہ هجن ئي نہ
۽ نہ وري ڏسي
منهنجون ڪميون پيشيون
تڏهن پٿر کي پاڻ جهڙا
نقش نئن ڏيئي،
ڪٽي ويو متي ڪتي پهاڙيءَ تي
قديرت جي گود ۾...!
هڪ سهڻي تراشيل
مهربان منش جي روپ واري مورتي
تنهنکي
اڪيلائيءَ کان وياڪل معمار ڪوٺيو
’مِتو مترا‘

## رمتو راهي

سکي!

هو جو لنگهيو
تہ منهنجن سازن مان
عجيب غريب سُر نڪرڻ لڳا
اُتي در کوليم
هو بيٺو هو
ڪُلهي ۾ سُرندو لٽڪيل
اکيون ٻوٽيل
ترسي پڇيم
’چا گُهرجيئي رَمتا راهي‘
سندس اکيون کُلي پيئون
مرڪي ڏنائين
’پينوُ ناهيان.‘
ساز منهنجا
سرن کان بيچئن
ٻَرجي ٻَرجي پئي وڃيا
’آيو شاهہ اٿيئي در پيهي...‘
جاءِ نہ لهان.... ڪٿي وهاريانس..
وڃڻ وارو بہ ٿيو....
ڪجهہ ڏيڻ بنا وڃي بہ ڪيئن...!
شاهہ جو ٿيو...
پرچا گهرانس... چا وٺانس.
هن تہ
تن من ٻري چڙيو
پنهنجي پريت جي اوتَ سان
چشما پيا وهن اکين منجهان
جَهرڻا پيا لَهن نِت سربر اندر
سکي!
سٽائيندي پيئي پاٽي ٽيان
هن ڪٽي چِپَن وت ٻوڪ جهليو
ڪِنَ گذري، گهڙي گذري.....
چا پيتائين چا پاتائين...
منهنجا جهرڻا بہ ائين ئي وَهن پيا
چشما بہ ساڳي اوتَ پيا ڪن....
پوءِ بہ هن کي تہ پيتو ئي هو!
ڪلندي ڪلندي چوندو ويو

چا چوندو ويو!
ڪيئن ٻڌايان سڪي!
ماتري موھ سان ٽمٽار
منھنجي اکين کي سڏيائين
’سُک ساگر‘

## چانڊوڪي

ڪنھن ڪان ڳُھرجي چا ڪجھ ڳھرجي،
چنڊ جڏھن چانڊوڪيءَ ھاري،
تل ٿلاءَ پري سپ تار،
پھتو آھي تنھنجي دَوافر،
لاھ ڪَڙو، وھنجي وٺ وينگس،
چنڊ پيو ٻوڙي سنسار،
’ٻوڙن جا ھي ٻول نہ ٻوليو،
آس ترڻ جي تارون تار‘

## بين جو تو وڄائين

ڪوئي سُر نہ چيڙ منھنجا مٺا!
بس مان روئي پونديس
من آھي منھنجو،
واسيل ھڳاسيل پريم جي اننت وھڪ سان
پرپُور پيو وھي
چيڙ آھي تنھنجي آڱرين جي پنھنجي بين مٿان
پر
لڇي رھيو آھي منھنجو من پڪيئڙو
ڌِڪي ھٽي جو سماپت ٿيو آھي —
تنھنجي ساز جو آواز ....
تہِ سمجھان پيئي
سُر سمورا پاتارِ پيھي
بجليءَ جي ڌارا بڻجي
ھلي پيا آھن منھنجي ساري سرير اندر
پر ڌرتيءَ کان ڌار بہ نٿي ٿي سگھان منھنجا گيت راج!

آڪاس ۾ نہ سُر گونجن ٿي گونجن پيا.
نہ پلاوري نہ اِها ٻيجل واري تند چيڙج

## ڙي گائڪ!

ڙي گائڪ!
چو تو ڳائين اهڙو گيت!
دَرد پنهنجو
اوتي وڌو اٿيئي
منهنجي من جي ڪنگرين ۾.
تڏهن نار ويو آهي ٻِيهجي
ڪنگريون
نہ هيٺ ٿيون ٿين
نہ مٿي ٿيون اَچن.
ڙي گائڪ!
تون چو تو ڳائين اهڙو گيت؟
.... ....
هاڻ شايد.....
تون ڪين پيو ڳائين –
رڳو تنهنجو دردي آواز
پيو گوُنجي
بادل
جيڪي گيت جي سُرن سان
مٿي چڙهيا هئا
پهاڙيءَ تي.....
ٻڙجي پيا آهن
وڏ ڦڙو مينهن
۽ آبشار ٻڙجي پيا ڪِرن پهاڙيءَ تان....
..... ...... ......
اُبتو ڦري پيو نارُ
اُبتيون ڦرن پيئون ڪنگربون.
پاڻي ناهي منجهن
پريل آهن
درد سان...!

درد جو
پلتجي پيو آهي تنهنجي گيت مان....
ڙي گائڪ!
چو تو ڳائين اهڙي گيت

## دَردَ

ڪهڙو آهي تنهنجي گيت جو جادوُ!
ڪهڙو آهي تنهنجي آواز جو مهاڄار
وڪوڙي ويو آهي روح کي
تنهنجي دَردَ ڀريئي آواز
دڪائي ڇڏيو آهي...
منهنجو من!
درد.....
جيڪو تنهنجي گيت مان
باهه جي شعلي جيان
مٿي آيو هو.....
۽ ڪڪي ويو آهي نانگ جي ڏنگ جيان!!
ڙي درد جا پارکوُ!
وندي تہ ڪِين سگهندين
منهنجو دُک!
پر پنهنجو درد تہ وراهي گهين ٿو؟
تڏهن پلئہ ڪٽي جهليو اٿم
پنهنجو حصو وٺي
ڪرتارت ٿي پونديس.

## هيءُ ڪهڙو سازُ

هن وشال واديءَ ۾
ڪهڙو آهي هيءُ ساز!
ڪهڙي بہ طرف کان هوا اچيتہ هن ساز مان
سُريلو سنگيت پيو نڪري!
فضائن ۾ غم آهي تہ
ساز مان

غمگين سُر پيا ٻُڌجن.
جي ڪڪرن جي ڇپاڙين مان
رمِ جهم ڪيو –
بوندون پيئون برسن تہ
سازمان ملهارجا سر پيا ٻُڌجن
پرسازجي پنهنجي سر
ڪجھ بہ نہ ڪري سگھڻ جي اگهائي
ماريو ماريو ٿي ڇڏي.....!
ڇا هن سازجي جيءَ مان
فقط
وايومنڊل ئي سُر ڪڍي گهندو...؟
ساز بہ ڇُچ رهندو....؟
ڪاش! هيءُ ساز
دک ڀرئي سِنسار کي
سک جا سُر ٻڌائي سگهي.
ڪاش! هن ۾ شڪتي هجي –
تپت ۾
ٺار آڻڻ جي!
ڪاش! هن ۾ شڪتي هجي
وايومنڊل کي
بدلائي سگھڻ جي!

# ڪُرڪيتر

آزاديءَ جي جنگ جا (ڪروُڪيتر)
ڪي ٿورا تہ ناهن!
ملڪ لاءِ ڏارين کان آزادي...
روٽي روزگار جي ڳٽين کان آزادي..
مدي خارج سماجڪ ٻنڌنن کان آزادي...
۽ آزادي ڪيپي اوشواس کان!
جيئڻ پيار ۽ پنهنجاين جي
دلڪش وادين ۾، آزاد فضا ۾ –
پسارُ ڪري سگهجي.
مگر
مُلھ مهانگي آزادي،

ائين تہ ملٽي ناهي.
هر سک جي قيمت
چڪائڻي پوندي آهي دنيا جي دڪلن ۾...!
تڏهن من لڙي جهڳڙي قيمت چُڪاءِ.
لڙاڪو تي پئہ...
تا قيامت...
چو تہ
آزاديءَ جي يڏ جا ڪروگيتر تورا تہ ناهن!

## مهاڄار

سَمي پنهنيج سونهن
چڏي آهي وڃائي
کهڙي گرهہ جو گرهڻ –
لڳو آهي منهنجي ڌرتيءَ کي؟
هنڌ پَٽِ پيئي هلي –
جيون مرتيوءَ جي جنگ،
چا لئہ ٿيو آهي شروع –
هي تاندوَ نرتيہ؟
اَمِرُلهہ خزانا جي
پکڙيا پيا آهن قدرت جا –
تن ڏي تہ ڪنهنجي
نظر وجيئي ڪين تي
گُل ڦُل با غ بهارون –
کي پيدا ڪيل قدرت،
تہ کي پراٽيءَ پرڪرتيءَ سان –
ملي آندا وجود ۾.
سک جا سرووَر –
محل ماڙيون –
اَڏي ٿاهي ڪيائون راس...
تن کي ماڻڻ بدران
بمر گولن سان ويٺا اُڏائين!
تڏهن جيڪو
مچي ٿو هاهاڪار_
دل دهڪائيندڙ –

ڏرن ڏڪائيندڙ –
حالت ڪا ٿئي ٿي پراڻيءَ جي....!
هاءِ....هاءِ....
ڪيڏي اَتاهه –
آهي منهنجي ڌرتي...
اُنتي مُٺ پر ته آهن ماڻهو!
ڪيڏا ميدان واديون....
ڪيڏا ڪنڌهرءِ ڪَنڌ،
ڪنڌ،
غير آباد پيا آهن....
آخر وڙهجي ٿو ته ڇا لاءِ؟
مهاپارت جي اَنت کي،
مهاپاري لڙاين جي تباهين کي،
ڇا پُلجي ويا آهن جنگ باز؟
ڪيڏو نه ٿيو هو وناش!
اَهڙي وقت
خوشين جي وادين جو ڳو لاٿُو
منهنجو من –
ٿي پيو آهي، بريت...!
شينهن جي شڪتيءَ وارو منهنجو مَن –
ٿي پيو آهي لاچار....!
نهاري وينو –
جيتامڙي ڪوُئي ڏانهن!
سمي جو ڪوُئو
ٽُڪي وينو چار کي...
اُف... ڪيڏو سهارو...!

## سهه ڌرم

هن جو ڌرم ته ڏسو!
لڪڙيءَ سان گند جا ڍير اُڪيلي،
پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ڳولهڻ...!
عيب آهي هن جو ڌرم!
هر ڌرم ۾ پوڄا ٿيندي آهي
صبح جو شروع.

اڄان ميڙ پيئي هجي
نہ هيءَ اٿي،
چانهہ جو ٻاٽلو ڪاڙهڻ رکي،
اَٽو ڳوهي، ڊٻڙ پچائي،
مرد کي اُٿاري –
ٻارن کي اُٿاري –
منهن ڌوئائون نہ ڌوئڻ جهڙو.
اڄ پاڻي جو ڪين مليو هو.
ڏاڍو جهڳڙو لڳو هو پاڻيءَ تي.
هوءَ گارين جو ڌوڙيو وسائيندي –
سُڪل مانيءَ کي چانهہ سان آلو ڪري –
مُک ۾ ٺُوسي رواني ٿي ويئي.
چيلهہ سان وڏي ڳوٿري ٻڌي هئائين.
پر سهہ ڌرم ساهيڙي اڳيئي پهچي ويئي هئي،
لڪڙيءَ سان گند جي ڍير کي ڪوليندي، ٽڪرو ٽڪرو
پلئسٽڪ جون ٿيليون چونڊيندي پئي ويئي.
پري کان هڪ ڪيائين،
”هاڻي تون نہ هتي ٻيهج،
هيءُ اسانجي اللهہ مُکو آهي،
وڃي ٻئي ڪنهن ڍير ۾ پلئسٽڪ ڳولهہ –
جيڪو تنهنجي ڀڳوان مڪو هجي.“
هاڻي ٿي اڄان پاڻيءَ تي جهڳڙو لڳو هو،
گارين سندس مک ۾،
رام نام جيان، اچارجي رهيون هيون.
توڏِ سان چيائين،
”اسانجو ڀڳوان گند جا ڍير ڪين موڪليندو آهي
اهڙو ڪم توهانجو اللهہ ڪندو هوندو.“
سهہ ڌرم ساهيڙيءَ چيو،
”اسانجي تہ روزي روٽي هن ڍير مان ٿي نڪري
اسانجو اللهہ اسانتي مهربان آهي،
آءٌ تہ شڪرانا ٿي مڃانس.“
تڏهن هن جي ڪنڌ مان ڪلي نڪري ويئي.
”اسان جي روزي روٽي بہ تہ گَند جي ڍير مان ئي
ڀڳوان خلقي آهي....
تہ مان بہ ڪٽي،

سندس شڪرانا مڃان ....“
ٻئي هٿ جوڙي،
آسمان ڏي منهن ڪري
چيائين،
”ڀڳوان! هن الله جي بنديءَ کي –
ڪنهن ٻئي ڪچري جي ڍير ڏي موڪل.“
اڪيون ڪولي ڏنائين ته –
الله جي بندي به ويٺي سجدي ۾ –
الله کان ساڳي دعا گهري....!
تڏهن ڪلي چيائين،
”الله جي بندي!
جڏهن اسان جي
روٽي روزي ڪمائڻ جو ڌرم هڪڙوئي آهي
تڏهن وڙهون ڇا لاءِ؟“
”هائو منهنجي سهه ڌرم سکي!
وڙهون ڇا لاءِ؟
ڪڻ لڪڙي! گند کي اُکيل
نه سيگهه ۾ مان ٽيلهيون ڳولهي وٺان
وري آءُ لڪڙي هٽان نه تون ڪٽي وٺ ٽيلهيون
سيگهه ڪريون نه ڪتي
ميونسپالٽيءَ وارا گند جو ڍير ئي نه ڪٽي وڃن لاريءَ ۾...!“

## ڪوچ

گُلن جهڙا نشپاپ منهنجا شاگرد
وَريو وَريو اَچو پُڇن
ڪي سوال.
مگر ڪين کهڙي خبر ته جواب منهنجا
اَمر سَچ ڇئي ڪين سگهندا...!
آءُ ته
هن اَننت پرٿويءَ بابت
سچ پچ ڄاڻان به ڪي ڪين.
پر پاپ پچ ڪان پري
هڪ سوال
نرنتر پيو ڦري

منهنجي ذهن ۾ _
’ماڻن کين تياڳڻ....
کهڙي آهي سهي، راهه جيئڻ جي؟“
هو چا چاڻن —
تہ کوجنا —
جنهن جا سلا—
منجهن اُپرَيا آهن،
سا آهي،
هڪ لنبو سلسلو
سلسلو،
جَنهن ۾ ڪڏهن
ماڻن وارن جو جهنڊو بُلند آهي....
محل ماڙيون —
ساز سُرندا —
ناٽڪ ناچ —
اَلائي چا چا خلقجندو پئي ويو...
تڏهن
تياڳ وارن کين سڏيو
’وشئي لمپٽي،‘
آخر جڏهن ماڻن تي پيو وِڪاري
تڏهن
تياڳ ورتيءَ وارن جو
جهنڊو بَلند ٿيڻ لڳو،
تَنَ کي تَسيا ڏيندڙ —
کَندَ مولَ کائڻ وارن جو —
تي پيو ناماچار —
ويندي لوٽي لَنگوٽيءَ تي وجي پهتيون
تياڳ جون پرپياشائون،
تڏهن ماڻن وارن
کين سڏيو
’پاکنڊي‘
لڳي ٿو،
نوان جي کوج ۾ وياکل خلق،
سدائين
جهوني کي پيئي ڏکاري،

پوءِ
ساڳيائي جهندا –
وَري وَري پيا –
بلُند تين
تَون هٽن ۾.

## اَنادي هَل هَلان

وڏي پيا آهن عمرجا سال....
تڏهن پُڇيم ڌرتيءَ کان،
’گهڻا سال ٿيا تنهنجي جنم کي؟‘
هوءَ چپ چاپ ڦرندي رهي.
پڇيِم سورج کان ساڳيو سوال –
بيشمار ڪرڻا موڪلي ڏنائين.
وڻن کي پَلڪَ وڌم،
’توهان مان ته ڪيترا
منهنجي ڏسندي ئي اُسريا آهيو؟‘
هوُ پَڻَ ڦڙڪائي متا لهرائي ڪِلڻ لڳا.
تڏهن نيريءَ ڳچي ۽ گلابي پيرن وارن
ڪبوترن کان پڇيِم –
هو به،
هيڏانهن هوڏانهن ڏسي –
نازمان چوڳو چُڳڻَ لڳا –
جڻ اَيامن کان
بس ائين ئي ڪندا رهيا آهن.
تڏهن وقت جي
اُڏامندڙ گهڙين کان پُڇيم،
ڊوڙي ڪين پڪڙڻ جي ڪيم.
ڪِلِ ڪِلِ ڪنديون چونديون ويئون،
’اسانجي پٺيان
گهڻيون ئي گهڙيون پيئون اَچن....
تڏهن سوچيم –
آد جُڳاد شآيد ڪنهنجي به ڪينهي –
سلسلو آهي هڪ بي انت هل هلان جو.
جيڪي هڪ گهڙيءَ هڪ تبڪي تان وجي تو

تہ ہي گهڙيءَ ہيو اڇي ٿو انجي جاءِ پري.
هيءُ تہ
اتهاس آهي اَنادي هل هلان جو...!
تڏهن اِن اَنادي اتهاس ۾
منهنجي عمر جا سال...!
ٻڙيءَ جيتري بہ تہ هستي نٿا رکن...!

## جَلَ جون جوتيون

هردوار
سَنجها جي ويلا.
گنگا ڪناري.....
هزارين پُرش ۽ استريون.
هَٿن ۾ دونا
دونن ۾ گُل
گلن مٿان ڏياٽيون —
ننڍڙيون آرتيون.
مٿي پهاڙ جي مندر ۾ نادُ وڳو
۽ سڀ آرتيون لهي پيئون
گنگا جي جل مٿان.
هزارين گهنڊ.....
گهنڊن جا پڙڏا...
آرتيءَ جو اُچارڻ —
آواز جا پڙاڏا
نديءَ جون ساهہ روڪي —
سرڪَندڙ لهرون.....
مَٿن ٽم ٽم ڪندڙ ڏياٽيون...
دونن جون ٻيڙيون...
بنا مانجهيءَ، بنا سُڪان...
ڊُلڪَن پيئون...
ڪڏهن لهرن جي سيني تي چڙهي...
آڪڙ پيئون ڏيکارين...
ڪڏهن هيٺ جُهڪي
نميون پون، اَگادِ آڪاس کي.
هيءَ ڪِريڙا...

هيءَ مَنورنجن...
ڪ پرجو کيل...
نہ... ... ...
هڪ اٽو سنڌڙ ياد!
اِنَ درشيہَ کي —
گنگا جل جي اَئنچليءَ جيان ڪٽي،
ڪجھ اکين سانَ پي ڇڏيُم،
ڪجھ لائي ڇڏيُم َمتي تي —
سنڌِر جيان.
پَرِ هيءُ گيرو ويس ۾ —
سَاڌن جي ٽولي.
سنجها ويلي جي
ڪائي راڳڻي ڪٽي ڇيڙي آهي ساڌُن....
”اَب تو چلي.... اوَ دوت....‘
راڳ جو جادو....!
ريشمي ڌاڳن جي چڪيندڙ جاري....
مگروت جي زهري َگوليمَچيءَ کي پاٽيءَ ۾ رَهڻ ڪٽي تي ڏئي!
گيت پُنيان رهجي ويو آهي....
”اَب تو چَلي اوَ دُوت.... ‘
مگر اُنجو ڪيفُ —
گلال جي لالاڻ جيان —
گهيري ويٺو آهي —
اجان بہ منهنجو من.

## اُجهامڻ ڪان اَڳَ

اجهامڻ ڪان اڳ —
جو لات ڪڍي آهي ننڍڙيءَ ڏياتيءَ....
تہ آڪاس اُلجهي پيو آهي گنگا ۾!
گنگا ويڙهي ڇڏيو آهي آڪاس کي —
پنهنجن لَهرن واري —
هيٺ متهي ٿيندڙ سرير متان.....
ءِ متان ٻري پيئي ڏياتي.
ڏياتيءَ جي چوڌاري آهن گُلَ...

گلن کي گهيري چڙيو آهي.
دوني جي حد.
حد جي اندر،
ٻليدر جا پن بہ آهن،
تہ جوُهيءَ جا گل بہ:
۽ هڪ گلاب بہ.
حدَ جي گهيري کي ڪنيو پيئي هلي
ڪپهہ جي ننيڙي ڏياتي.
گنگا جي سيني تي –
تلندي، تمڪندي –
تري پيئي هيءَ ٻيڙي!!
اچانڪ ڏياتيءَ
ڪدي آهي لات....!
آخري جَهپڪ –
۽ بس...!!
اُجهاٽل ڏياتي...
اَنادي وهڪ ۾....
ڪٿي پهچندي ؟
ڪير ڄاڻي....؟
اڳيان تہ آهي اڻ ڏٺو اوڙاهہُ....!!

## گنگا غاليچو

نما شام جي لالي هئي گنگا تي.
گنگا جهڙو مخملي غاليچو.
لهرن جي لوڏ ڏسي چوان پيئي،
’ڪٿي غاليچي هيٺان ٻار تہ ڪين پيا ليٽڙن!‘
”ٻيڙيءَ وارا! مونکي وٺي هل نہ ٻيڙيءَ ۾‘
تہ گنگا جي هن گلابي غاليچي هيٺان،
ليٽڙندڙ ٻارن کي پڪڙي اَچان؟“

## سُرتِ

خوشيءَ جا خيما –

آهن تصور جي تارُن جا نهيل.
تڏهن تہ —
ڪتي ڪُپن ئي ڪين تا!
پلا —
ڪنهنڪي جي ڪنيو هجي ڪڏ —
انهن خيمن ۾ رهڻ لاءِ تہ؟
تہ —
ڪيس ٽيڙو پوندو —
تصور جيان نفيس!
سريرتہ اُتي —
بوج پيو لڳندو....!
اُتي رهي سگهندي —
رُڳي —
سُرت....!
سُرت جا —
سهڻيءَ ڪنوار وانگر —
اُوشا جي لاٽورن ۾ ويڙهيل —
اندلٺ جي ستن رنگن جو وڳو ڍڪيلَ
بس خوشيءَ جي خيمي اندر ويٺي —
آڪاس، پرٿوي، گرهن ، نکيترن —
ساري برهماند ڦيٺي گهُمندي رهندي.
.... ..... .....
سُرت سکي!
تون تہ اَيامن کان ائين ئي ويٺي گهمين!
ڪوَين توکي ڳولهيو آهي
جهرڻن جي ڪَل ڪَل ۾ _
هوائن جي هلچل ۾ _
تارن جي جهل مل ۾ _
زماني جي بدل سَدل ۾ ...
پر سکي!
مان تہ توکي ڏسان ويٺي —
پنهنجي اُرد گِرد گهُمندو —
پَلَ پَلَ ۾ !!

# گگن منڊل ۾.....!

لڳيم ٿو،
ڌرتيءَ جي گولي مٿان بيٺي آهيان.
منهنجي پيرن هيٺان —
جيڪو ٽڪو آهي ڌرتيءَ جو —
سو آهي سڀ کان مٿاهون.
ائين ته ڌرتي گولي آهي.
پنهنجي سرهوڪو ٽڪو مٿاهون آهي.
ته پلا اهڙو ڀرم ڪيئن پاليو؟
ته جيڪي آءٌ پيئي ڏسي سگهان
سو ٻيا ڪين ڏسي سگهندا هوندا....؟
پر ڪيڏو خوبصورت آهي هيءُ ڀرم!
ڪيڏو برتريءَ جو احساس ٿو بخشي!
لڳي ٿو
ڌرتيءَ جي ڦرندڙ گولي تي،
اُتاهين ۾ اُتاهين ٽڪي تي بيهي،
بادلن هوائن،
گرهه تارن سان
هيل ميل ۾
اچي ويئون آهن منهنجون اکيون!
نظرجو دائرو ڪو تي پيو آهي...!
اَننت...
اَسيم...
هاڻ لڳيم ٿو
ڪئين اهڙا ٻيا به آهن —
جن نظرجو دائرو —
ڪري ڇڏيو آهي وسيع.
شايد ايئن ئي ماڻيو هو
هنَ اَنت ڪوتا جي گورءَ
اِهو سُهاڳُ....
جڏهن چيو هئائين،
’گگن مَئن تال رَو چَند ديپڪ بَني...؟‘
شايد
گيتا جي رچيندڙ به ڏٺو هو

پرڪرتيءَ ڪان مٿي بيهي،
پرڪرتيءَ کي ڪال مُکه ۾ مُڪتيءَ لاءِ ڌوڪيندو...!!
تہ من!
سدا بيٺو رَهُ ان اِستٿيءَ ۾...
گگن منڊل ۾.... اَڏول!!

## مؤت

مؤت منا!
ڪيڏي لاڏلي ٿي پيئي آهيان تو لاءِ!
آهستي آهستي... چِتائي چِتائي،
هلندو پيو اچين...
نہ تہ وَسُ تہ وڏو اٿيئي!
جيڪر ڪِنَ ۾ ڪَنيي ڪٽي هلينم!
پر—
ترسين پيو،
ڇو تہ،
ڪارُج تہ اجان پورو ئي ڪين ڪيو اٿم.
بي درد دنيا وارن کي محسوس ڪرائڻو اٿم تہ.
جن کي،
ڌرتيءَ جي هڪ هنڌان اُکوڙي،
ٻئي هنڌ تا ڦٽو ڪريو:
تن کي ڏاڍا ڏجها تا ڏسڻا پون...!
گلن جهڙين دلين مٿان...
اَهڙي ظلم جو تيزاب نہ اُڇليو...
پر ٻي ڳالهہ تہ ٻُڌ،
اِنسان پنجن سالن جي وهيءَ کان وٺي،
علم پرائي،
ڌَنُ ڪمائي، ناماچار ڪيي،
وگيانڪ کوجنائن،
۽ ساهتڪ رچنائن سان،
دنيا کي مالا مال ڪري...
مگر تون آهين جو علم جي ٽَنيَن کي بہ،
ڪن ۾ اُکوڙي، ڊاهي ڦٽو ڪيو ڇڏين!
هي سڀ ڇاهي؟

ڪيڏي بي انصافي آهي!
ساري هٽپچاڙ وئرت!
سارو علم اَڪيارتو...!
اهو سڀ سوچيندي ئي
دل ۾ وَڪڙُ پئجو وڃي...
بس اڪ ٻوٽيينديئي
پرلئہ!!
هيڏو وٿيو پربو...
وراٿ سنسار...!
پراڻيءَ لاءِ ڪن ۾ ختم !!
اوھ...
ڪيڏو درد آهي...!
هستيءَ جي نابوديءَ جو سوچڻ ۾ !!!
تڏهن بہ
مؤت منا!
مان تيار ويٺي آهيان.
منهنجون اکيون،
جن، گلن پنن ۽ جهرڻن ۾،
سونهن پئي پَسي آهي،
تن کي،
نظر وڃائڻ کان اڳ،
پلي بند ڪري ڇڏ؛
ڇو تہ
پڪا روڄ رستا ئي،
زبون ٿيو وڃن....
واهڻ ئي وات بدلايو ڇڏين!
ڪوئي ڪارج ڪين سري،
تڏهن ڪنڌ ڪٽي نوايو اٿم،
تو اڳيان.
بس.....
تيار ويٺي آهيان....
توسان هلڻ لاءِ، اگم ديس ڏي!

## تڏهن تہ....!

چوان پيئي،
’ڌيءَ منهنجي
آهي ڏاڍي سياڻي.‘
ڇون ’ڌيءَ تنهنجي
سياڻي ڪيئن نہ ٿيندي؟
سياڻيءَ ماءُ جي ڌيءُ جو ٿي!‘
پر ڪين ڪهڙي ڪل
تہ سياڻپ جو پندار
تہ آهي تو وٽ!
ڪالهوڪي ڳالهہ –
دادهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ
بس لاءِ بيهي
موٽي آيو.
موڊ هئس ڏاڍي خراب
نہ مونسان ڳالهايائين
نہ توکي هنج ۾ ڪنيائين
تہ ٿي رنڌڻي مان سڏي چوينم ”بيو مالهون آيو آهي ممي!“
ٻاهر اچي ڏٺم،
”هي تہ دادنهن آهي نہ چري!“
بس، ڇپن ۾ ڪل کي پيئي روڪين،
اکين ۾ مرڪ ڪنيو،
پيئي ڏسين دادن کي.
هٿ پنيان ڪري، چيئہ،
”بيا مالهون مونچان ڪونہ تا ڳالهائيندا آهن نہ
تہ دادا بہ نتو ڳالهائي...“
دادا هن تہ بسن ٺري پيو.
’ڪُنڊي‘! چئي،
ڪٽي ٻنهي ٻانهن ۾ ڪنيائين توکي
مان پيئي چوان،
”ڪنهنجي خراب موڊ کي ٺاهڻ لاءِ،
اهڙو منو ڏوراپو ڏيڻ،
مونکي تہ ڪڏهن ڪين آيو...“
تڏهن تہ چوان ٿي

ڏيءَ منهنجي آهي ڏاڍي سياڻي
ٻين کي کڻ: ڪل
تہ سياڻپ جو ٻيندار تہ ايہ تو وٽ!

## ايڏي اون ڪا سُونهين

چوانءِ پيئي، آءُ تہ سنان ڪريانءِ،
اهڙو جهڙو ٻڏين ڪتي تي؟
راند ۾ پوري.
ڪيترن سڏن بعد ’جيءُ‘ چيئہ
پر سنان جو نالو ٻڌي،
پنهنجي ننڍڙي ديگڙي ۾ –
ڪيوي گهمائيندي چيئہ.
”اجان تہ ڪيڏا ڪم پيا آهن.“
”گهوري وجانءِ،
آءُ تہ جوڙي ڏيانءِ،
ويچارا پتڪڙا هت،
ڪم ڪري تڪا هوندا.“
”پر پپا اچي وجي تہ؟
روتي تہ ڻاهي وڻان .“
”ٻلهار وجانءِ“ –
مدد ڪرايان گُل!“
”پهرين سنان تہ ڪري اَچ
اسڪول نہ وڃڻ اَٿئي؟“
مان ٿهڪن جون پَريون،
ڪنيو پيئي پلئہ ۾ لڪايان ۽ چوانءِ،
”پلا اُتي تون سنان ڪرائينم –
اسڪول جي بس نہ گُسي وجيم.“
چئي تہ ويس، پر ڪِلَ رُڪجي ئي نہ پيئي.
هيڏانهن تون تہ گهگهڙو متي ڪٽي،
ڳُوري منهن پيئي چوين،
”هل پلا توکي سنان ڪرائي چان...
اَٿو ڳوهٹو آهي...
ماني پچائٹي آهي...“
تڏهن آءُ وري منهن چُمي پيئي چوانءِ،

”ننيڙا ٻارا!
ايڏي اون ڪا سونهين؟“

## سورداس نياڻي

ڦلواڙيءَ ۾،
هڪ ٿاريءَ مٿان،
ڪيڙيو آهي هڪ گل:
۽ مان اهيان باغ بهار
نياڻيءَ جو،
چهرو تي پيو آهي آبداز
سرير تي پيو اٿس
تازو توانو
مگر مان آهيان –
چنتاتر،
ڪير وَريندو
هن غريب نياڻيءَ کي!
ٻانهن جي مالها ڪنيو
چائنٽ تي وجو بيهي.
انتظار جي اگنيءَ ڪنا...
ڪنيو ديپڪ راڳ چيڙي.
ديپڪ راڳ جي ڏن...
.نہ نہ“ بيمار ماءُ،
ممتا ڀري ماءُ،
پتين کي هٽن جهليو،
ٻاهر پيئي اچي
”نہ...... نہ.....“ نہ ڳاءِ اهو راڳ
خود سڙي ڀسمر تي ويندينءَ.“
”ليڪن انتظار جي اگني
نہ راڳ ڪان وڌيڪ تي جلائي اَمان!“
”منهنجي گود ۾ لڪي وڃ منهنجي ٻچڙي!
اُپ جي ڪڪريءَ جي
روپهري ڪنار کي ڏسي
عمر ڪاٽي سگهبي آهي

هن جھوپڙيءَ ۾...
مون نراس ناريءَ جيان..."
"اھا کھڙي آھي تنھنجي روپھري ڪنار
منھنجي اَمي؟
اُپ ۾ ڪڪرجي روپي ڪنار
ڏسي سگھان
ڪَٿي آح: آحڙُٽض:ب!
تون خود ٿي چئه
منھنجي اونداھي اڪيلي جيوت جي
کھڙي آھي روپھري ڪنار...؟
اَمي! منھنيج اَمي !
کھڙي آھي اھا
اميد جي ريکا...؟

## پِرھَ جي باڪ

ڏيئي جي تيل جي پڄاڻي ٿيڻ تي ھئي،
ناريءَ وٽ پيرن جي آھٽ جھٽڻ لاءِ _ پوربل اَکين ۾ ھُئي جاڳ...
اوچتو ننيڙيءَ رُنو،
ناريءَ اُٿي،
ننيڙيءَ کي،
ڇاتيءَ مان –
سَنيھ پيارو،
ننيڙيءَ جون اکيون –
پيئڻ جي نشي ۾ ٻوٽيل ٿي ھيون.
ڏيئي جي وَٽ آخري ڀِيَڪ ڪئي –
پرھ تائين اونداھو گھر،
ڄَمڙِن جھڙن وسوسن سان ڏڪائيندو رھيو.
باڪ ڦٽي،
دَرُ کڙُڪيو،
ڇِڱرچڙي، ننيڙيءَ اُڇل ڪاڏي "باپو!"
جُتي دَر وٽ رکي پاپُوءَ چيو،
"صابڻ پاڻي ڏينم ھٿ ڌوئان،
ڏاڍا لاش ڍويا اٿم ساري رات..."

پاٽي ڏيندي —
اکيون ڦاڙي ناريءَ پڇيو،
”ٻار ٻه هئا...؟“
”ڳالهه ئي ڇڏ“ ڳورو اُداس آواز هو پيءُ جو.
نار: ءَ ٻالڪيءَ کي وڃي هنج ۾ ڪنيو...
ٻالڪي بادامي اَکيون مٽڪائي چيو،
’ٻاپُو...!‘
ٻار کي گود ۾ کڻي
ڏجهڪي پيو ٻاپو...،
”ڪهڙو سمو آيو آهي...
ڪنهن لاءِ به سلامتي ناهي.“
گلابي آڪاس ڏي نهاري ماءُ چيو،
”ڏٽي! بي گناهن کي ڇو ٿا مارين!!“
ٻاپُوءَ ڏک کان اندر پيئنيل اَکيون —
وري وري ٿي چنيبون،
”منيءَ جي ماءُ! هڪ لاش ۾ ته اڃان ساهه هو...“
ڏکي ويئي منيءَ جي ماءُ، ”انکي به تو...؟“
”نه..... رڳو وڦليو — ڳانڊيءَ تنهنجي ڌرتيءَ تي هيڏا هاڃا!“
بس ختم ٿي ويو ان کان پوءِ...“

## جيڪر گُل هجن ها....

اَڇو پوتر گنگا جو جل،
سونَورني سريرپئي
سنان ڪيو تنهن ۾ ،
سچ چاندي پئي هاري.
ناريءَ اُس ۾ چمڪندڙ پاٽيءَ کي
ٻوڪ ۾ جهلي
اَئنچلي ڏني
سچ ديوتا کي.
پؤرين تي بيهي،
اکيون بند ڪري چيائين،
”ڪڏهن نه راضي ٿيءُ!
سُک جي هڪ سروتِ سان
گهر کٽي پرَ منهنَجو...!“

ناري نَهائي نڪتي تہ
سائي وڏڪار مان
اچا گُلَ
ڪري پيا سندس پيرن وٽ.
پلئہ ۾ ڪٽي سهيڙيائين سڀ گُلَ.
مندر جي چائنٺ تي وينل ڏہري ٻالڪ —
ٻَلئہ چڪي —
گل ڪيرائي وڌا.
ڪا مهل، ناري اُداس —
ڏسندي رهي
نراس ٿيل
هڏن جي پڃر يڪي...
’ڪاش! گل هجن ها مکڻ جا..!‘

## آئينده جا سپنا

اَڪيلائيءَ جي لمحن ۾ _
هڪ آس پئي پلي —
هن دل ۾ _
ٻار وڏا ٿيندا....
اُنهن کي وٺي گُهمنديس....
اُنهن سان ڳالهيون ڪنديس.
پَرديسي تہ پربت وندي،
اُڏامي ويو —
پکيءَ جيان.
مت مائٽ —
سڪيون ساهيڙيون —
نہ ٿا نباهين —
تہ نہ ٿي سهين....
منهنجا ٻار وڏا ٿيندا تہ....!
مگر ٻار وڏا ٿيا —
تہ مان انهن کان بہ وڌي تي ويس!
ٻالڪ ۽ جوان ماءُ...
ورهين جي وٿي...
اها تہ جيئَن جو تيئَن قائم رهي!

هاڻ ته هوُ آهن جوان –
۽ مان آهيان ٻُڍي!
آئينده جا سپنا –
ته ٺڳي ئي ويا...!!
تڏهن اڪيلائي...
تي پيئي آِهي...
شاهه بلوط جو وڻ...!!!

## اِتهاس جو هڪ ورق

ٻُڍاپو...
دوائن جون شيشون...
ڪتابن جا ڍير...
گذرئي وقت جون يادگيريون...
چڻ فلمون پيئون هلن هروقت،
۽
فاصلا ڪي طيءِ ڪري ٿو من!
اصل ميلن جا ميل...!
ڏيءُ پڇيو،
"ممي تون ڏاڍي ٿڪل ڇو پيئي لڳين؟"
"پُٽَ! ڏاڍا پنڌ ڪيا اٿم."
ڪلي چيائين،
"يلا ڪٿان ڪٿان گهمي آئي آهين؟"
"پهرين ته پنهنجي ٻالپڻ ڪان
تنهنجي ٻالپڻ تائين –
يادگيرين جا سپ ٽنيا –
لتاڙي ويس.
انڪانپوءِ جو رستو –
ڏاڍو ڳپا ڳيهه وارو هو.
لَڪَن تي ليٽيل –
تنهنجي پپا جا مائٽ –
تنهنجا ڏاڏاٽا گهر.
مڃيءَ مانيءَ وارا –
منهنجا مائٽ.
تنهنجي پپا جي –

اخبارن ڪڍڻ واري —
برادري؛
منهنجون سڪيون سرتيون —
گهر ۽ سنسار جا —
ڪارج ڪرڻ واريون —
تن جي ناري سيا...
اَلاَئي ڪتي ڪتي گُهمندي رهي آهيان.“
”تہ پلا“ ڪلنڊر نيڻ ڪٽي پڇيائين،
”موٽ ڪيئن ڪاڏهن ممي!“
”بس پٽ!
وچہ تي
ڪَي تنيا ڇڏي ويئي هئس.
ڪي سُجاڳ من وارا؛
وٽڪارُن ۽ وسنئن ۾ —
مَاضيءَ جي متاهين —
۽ برپٽن ۾...!
انهن ٿنين تي لَتڪيل روشين ۾ —
واپسيءَ جي واٽ سجاڻندي —
موٽي آئي آهيان.
تڏهن....
ڊگهو ساهہ کڻي،
ڏيءُ چيو،
”ممي تون بہ آهين اِتهاس جو هڪ ورق!“

## ممي تون تہ....

نستيون ٿِيو وجن سپ رَڳون —
پهرين دما غ جون...
يادگيري پوٽي، ڏوهٽي جي نالي جي بہ ڪانہ اچي.
”فلاڻا“
بس اِهو بہ ياد اچي تہ ڪنهنکي سڏ تہ ڪري سگهجي..!
آئيءَ ويل،
اُٿڻ ويهڻ ڳورو ٿيو پوي.
ٽيليفون جون گهنٽيون ٻڌي تہ سگهجن.
پر ان تائين پهچڻ ۾ وقت لڳي...

ڪڻ تہ پُٺ پُٺ ٻُڌُ —
ٻئي سري تان...
’هن ٻوڙ۽ بہ ستايو آهي،
نہ مري ٿي نہ مَنجو ٿي ڇڏي.‘
ڏيءُ سان ڳالهہ ڪر، تہ چوي،
”ممي تون ڇو مرين...
اهو ڏاريو رَت آهي نہ،
نرانون، ڏيرانيون، سَسون يا نهرون،
ائين ئي چونديون.“
”ءِ مڙس؟“
”آهي تہ اهو بہ ڏاريو رَتُ،
پر ٻيڙاپي ۾ ٻنهي ڪي...
هڪٻئي جو سهارو تہ ڪپي.“
”اَمڙ تون فڪر نہ ڪر،
آءُ ولائت اُسهڻ کان َ ڳُ
نوڪرياڻي رکي ويندس
تہ وٺ شيوا لاءِ...“
”هائو پٽ —
ڇئجانس
مونکي ڇڙٻون نہ ڏئي.“
”ڏس اَمڙ —
وقت سر دوا نہ وٺندينءَ.“
نيرن کان اڳ، سنان نہ ڪندينءَ،
مندر ۾ آساديوار ٻڌڻ جي بهاني،
تنگ ڊگهي ڪرڻ نہ ويندينءَ.... تہ...“
”بس پٽ! بس،
ايترو تہ ياد ڪريان...
تہ ڇڙٻون ملنديون... جي...“
”ممي! تون تہ ٻار ٿي پيئي آهين.“

## جيتامڙي....!

جيتامڙيءَ!
توکي کهڙي ڪل —
تہ تون ڇا ڏنو آهي مونکي!

جيوت جي هن سنجها تاٽي –
جڏهن مان وڃڻ جون تياريون پيو ڪريان –
تڏهن تون موڳي موڳي –
ڇتين پتين ڏي پيئي ڏسين...
تَنهنجيَ ليکي،
مان سمجهان ٿي ڪين تو –
تنهنجين اُداس اکڙين جي ٻولي...
جنهن ۾ روڪين پيئي مونکي...؟
’نہ وڃ پپا! مان نہ وڃڻ ڏينديسانءِ.‘
آءٌ ور ور ڪري پيو چوانءِ،
’نہ روڪ مونکي منا ٻارا!‘
ڏس تو لاءِ ڪيڏا رانديڪا وٺي رکيا اٿم...
ڪيڏو وڏو شاهي گهر آهي تو لاءِ...!
رنگ برنگي گلن جا ٻوٽا –
جي هڪ هڪ ڪري ٻاهر باغيچي لڳايا اٿم....!!
با غ جي ٻنهورن تي –
شڪنتلا جون وَنَ وَليون ڪٽي لڳايون اٿم.
۽ گهر اندر بہ ڇا ڇا سجايو اٿم تو لاءِ!
پر تون آهين جا رڳو پيئي ڏَجهين...!
’نہ وڃ پپا! مان نہ وڃڻ ڏينديسانءِ...‘
جڏهن پتڪڙن هٿن سان
منہ پڪڙي ٿي چوين
’مونکي ڪجهہ نہ کپي پپا
مونکي رڳو تون کپين!‘
تڏهن سمجهين ٿي
کهڙي ڏور پيئي اڇلين؟
موہ سان جڪڙي ٿيِ وجهين سارو ساہ منهنجو
جيتيامڙي توکي کهڙي ڪَلَ
تہ تنهنجي موہ ڪنان ڇا ٿو گذري منهنجي سيني تي...!!!
پر تنهنجو موہ بہ ڇڏائي تہ نٿو سگهي مونکي –
هن لاعلاج بيماريءَ منجهان...
ايڏو نہ ڏَجهہ، منهنجي گلڙي!
جڏهن پوئين پهر
ڪوئي ڪين پيو جاڳي،
تڏهن پنهنجن پتڪڙن هٿن سان –

بند ڪري ڇڏ منهنجون اکيون،
اَبدي ننڊ ڪرڻ ڏي مونکي!
ڪڏهو ڪَرَ اَگمَ ديس وارا ويتا سڏين!